# ڊنل رين جا خواب

قبول ابڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# بنل اکين جا خواب

(ناول)

## قبول ابڙو

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA ... QASIMABAD
SINDH

کلاڪار پبليڪيشنس لاڙڪاڻو

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن.]


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڊنل اکين جا خواب |
| ليکڪ: | قبول ابڙو |
| ڇاپو: | پهريون |
| تعداد: | ٢ هزار ڪاپيون |
| ڇپائيندڙ: | جميل اختر ڪورائي |
| ڇپيندڙ: | علمي پرنٽرز ڪراچي |
| قيمت: | ١٠ رپيا [سادي ڪاپي] |
| | ١٥ رپيا [جلد سان] |
| ڇپجڻ جي تاريخ: | مئي ١٩٨٧ع |

هي ڪتاب علمي پرنٽرس الڪرم اسڪوائر ڪراچ
۾ ڇپيو ۽ جميل اختر ڪورائيءَ ڪلاڪار پبليڪيشن
جي طرفان ڇپائي لاڙڪاڻي مان پڌرو ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ارپنا

پنهنجي
انهيءَ پياري
دوست جي نالي جنهن
جي سوچ ۽ سچائيءَ جو
پاڇو "۽ سنڌو وهندو رهيو" کان
"بزدل اکين جا خواب" تائين منهنجي
هر خيال ۽ لکڻيءَ مٿان ڇانيل رهيو آهي
۽ جنهن سان ملندي محسوس ٿيندو اٿم، هن ڏوکي
۽ دشمنيءَ جي دنيا ۾ منهنجو ڪو سڄڻ آهي.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

قبول ابڙو سنڌي ادب ۾، ۽ خاص ڪري فڪشن جي ناتي، ڪو نئون نالو نه آهي. سندس ٻن اصلوڪين تصنيفن ”ڪانسواءِ“ کي ترجما به سنڌيءَ ۾ ڪافي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. سندن اصلوڪن افسانن جي مجموعي ”۽ سنڌو وهندو رهيو“ کي ته سنڌ الاجي پاران سنڌي افسانوي ادب جو ايوارڊ به ملي چڪو آهي. سندس ناول ”جيون جيون سڏڪا سڏڪا“ به سنڌي ادب جي چاهڪن ۽ پڙهندڙن ۾ گهڻو پسند ڪيو ويو آهي. سندس مٿين ڪتابن جا موضوع خيال ۾ رکي مون جڏهن سندس زير بحث ناول جو مطالعو ڪيو، ته منهنجي حيرت جي ڪا حد نه رهي، جڏهن ڏٺم ته ناول جو موضوع ۽ ارٿ سندس ڪهاڻين ۽ ناول واري موضوع ۽ مطلب مراد کان بالڪل نرالو ۽ نيارو هيو. هن جي ڪهاڻين جو موضوع گهڻي ڀاڱي سنڌي سماج جا مسئلا آهن، يا ته رومانوي، جڏهن ته سندس ناول رومانيت جو شاهڪار هيو. پر هن ناول ”ٻنل اکين جا خواب“ جي موضوع جي چونڊ ڪري، قبول ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته سنڌ جو سچاڻ اديب ۽ فنڪار پنهنجي قوم ۽ عوام جي صحيح ۽ حقيقي مسئلن ۽ انهن جي شدت کان اڻ ڄاڻ نه آهي، ۽ ان کان ڌارو ٿئي نٿو ڪري سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(پنهن جي لساني ۽ ثقافتي سڃاڻپ سان) آهي، جو پاڪستان جي ٻين ننڍين قومن ۽ صوبن جو استحصال ڪري ٿو. ان جي سنڌ ۽ ٻين ننڍين وفاقي ايڪاين سان به ساڳي روش آهي، جا بنگال سان هئي. ان طبقي جي ذهني نمائندگي ناول جا به ڪردار اقبال ۽ جاويد پاڪستاني ڪن ٿا. انهن جي نظر ۾ بنگالي ڪافر ۽ غدار آهن، ۽ بنگالي زبان ۽ ثقافت هندن جي زبان ۽ ثقافت آهن. انهن جي خيال ۾ هو بنگال ۾ جو ڪجهه ڪري رهيا هيا، سو بنگالين لاءِ رحمت ۽ سوين احسان هئا، جن لاءِ هنن کي سندن (پاڪستانين) جو احسانمند ٿيڻ گهربو هيو. پر هو جيڪو سو احسان فراموش ۽ ناشڪرا ٿي رهيا هيا. بالڪل اهائي روش ۽ رويو اسلام پسندي ۽ نظريه پاڪستان جي نسبت سان، هت به ننڍن صوبن جو استحصال ڪندڙ قوتون اختيار ڪري رهيون آهن.

انهن ڪردارن ڪانسواءِ قبول جا ٻيا ڪردار اهي آهن، جي ان قوم جو ڪردار ۽ نفسيات چٽين ٿا، جا پنهن جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ جٽيل آهي. جي ڪڏهين مان چوان ته ناول جي موضوع ۽ مقصد مراد ڪان پوءِ ان جي نمايان خوبي ان جي ڪردار نگاري آهي ته بيجا نه ٿيندو. ڇو جو قبول انهن ڪردارن رستي ئي پنهن جي مطلب ۽ مراد ماڻڻ جي نهايت ئي سهڻي ۽ پياري ڪوشش ڪئي آهي. جاويد پاڪستانيءَ ڪانسواءِ



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو آهي. اهڙيءَ ريت توهان کي هن ناول ۾ پيار جي نفيس ۽ نازڪ جذبن جو اظهار به ملندو، جن جو ذڪر ڪندي قبول ٻڌائي ٿو ته پريت جي ريت ڪير نڀائي ڄاڻي؟ عورت يا مرد؟ عورت نه رڳو پيار جي پوڄا ڪري ٿي، پيار کي دل ۾ سانڍي ٿي، پر پيار جي سرحدن جي حفاظت به ڪري ٿي ڄاڻي. پيار جي ميدان ڪارزار مان پٺ ڏئي پڇي وڃڻ ته مرد جو شيوو آهي، عورت ته پيار ۾ پاڻ وارڻ ئي ڄاڻي.

سڄي قبول جي پڙهندڙن کي هن ناول مان، رومانيت جي ڏس ۾ به، مايوسي ۽ نراسائي نه پلئه پوندي. جيئن چئي آيو آهيان ناول ۾ رومانيت بدرجه اتم موجود آهي. سچي پچي ۽ حقيقي رومانيت! زندگيءَ سان، انسانيت سان، حق سان، پنهن جي ڌرتيءَ سان ۽ ڌرتيءَ وارن سان محبت ته هن ناول جو موضوع آهي. اها رومانيت جا روايت کان بغاوت جو روپ ڌاري ٿي، جا انسانن جي روحن ۾ جهاتيون پائي انهن کي پرکڻ پرجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. اهڙي رومانيت جا ڏکي انسانيت کي ڏسي ڏکي ٿئي ٿي. اهڙي طرح هن ناول جي رومانيت قبول جي روايتي رومانيت کان بغاوت واري رومانيت آهي. هن ناول ۾ رومانيت رستي انساني زندگيءَ جي درد کي مختلف پيرائين ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. رومانيت محض جمالياتي حس جي تسڪين جو نالو نه آهي. پر زندگي ۽ ان جي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرائي سگهندو.

بئريج روڊ،
سکر (سنڌ)
۷، فبروري، ۱۹۸۷ع

(رشيد ڀٽي)

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊنل اڪين جا خواب

هن سان منهنجي پهرين ملاقات جيل اندر هڪ بند ڪوٺيءَ ۾ ٿي هئي. انهيءَ بند ڪوٺيءَ ۾ ايتري ته اونداهه رهندي هئي جو اکيون پٽي ڏسجي ته به ڪجهه ڏسڻ ۾ نه اچي. مسلسل اونداهه سبب، منهنجون اکيون سور ڪرڻ لڳيون هيون.

اڪثر منهنجيون اکيون ٻوٽيل هونديون هيون انهيءَ ڪري ان ڏينهن هوءَ اوچتو اچي منهنجي آڏو بيٺي هئي. منهنجيون اکيون پوريل هيون پر مون محسوس ڪيو ته ڪو منهنجي آڏو اچي بيٺو آهي. اکيون کوليم ته چرڪ نڪري ويو.

خواب؟ سوچيم. پر قيدين کي اهڙا سهڻا خواب نظر ٿي ڪو نه اچن. جن پوٽ. وري اکيون پٽي پڪ ڪيم. هوءَ واقعي حقيقت جيئان سامهون بيٺي مرڪي رهي هئي. وري اکيون ٻوٽي ڇڏيم. خيال آيو ته آنگر کي چڪ پائي پڪ ڪريان. پر انهيءَ وقت مون کي ڏونڪيون چڙهيل هيون. اهيون ٻانهون ۽ کلهن ۾ ڏنڊو نه هٿ هيٺ ٿيا ۽ نه وري آنگر کي ڏي چڪ پائي سگهيس. پر منهنجو ڪو ڏوهه ڪو نه هيو، ڪا چوري ڪئي ڪو نه هئي. پوءِ به اڄ تيون ڏينهن هو جو مون کي ساندهه ڏونڪيون ڏيئي بيهاريو هئائون. جنهن مهل هوءَ آئي هئي، مون کي ڏونڪين چڙهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چوٿين ڪلاڪ تي چڪا هئا. چوٿين ڪلاڪن کان ڏوڪين ۾ اپو ٻيٺو هيم. چور ٻٽيو، ڏوهاري ٻٽيو. منهن جو ڏوهه اِهو هو جو مون ”سنڌي ٻولي، قومي ٻولي“ جو نعرو هنيو هو، ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ جلوس ڪڍيو هو، پنهنجي جائز حقن وٺڻ لاءِ آواز اٿاريو هو. اِهو ڏوهه مون اڪيلي جو نه هو. پوريءَ قوم جو هو، پر بند ڪوليءَ ۾ مان هوس پوري قوم ڪونه. ڏوڪيون مون ڪي چڙهيل هيون. راڄ ڪي ڪو نه. انهيءَ ڪري جو منهنجو آواز ٻين جي آواز کان مٿي اڀري آيو هو.

مون اکيون کوليون. هوءَ مشڪي ويجهو آئي. مون اکيون بند ڪري ڇڏيون.

”ڊچين ٿو“. هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. ”ماس ڪٿي آئي آهين؟“ هلڪيءَ مرڪ سان وراڻيومانس هوءَ مرڪي ”اچان هٿ اٿئي“.

”هٿ جو گوشت سان ڪهڙو تعلق؟“ وراڻيم ”اچان دل تڙڪي ٿي“.

”ها!“ چيائين ”قد بت ڪهڙي ڪم جو، جي دل ئي نه آهي ته!“ ”مهرباني“ خشڪ ٿي وراڻيم ”مون مان ڪجهه نه ورندءِ. پنهنجو وقت وڃائيندينءَ“ ”Very Flaming!“ [ايڏو وڏو پڙڪو] ”عجب مان وراڻيائين. ”ڪجهه نه ورندو. ڇا مطلب؟“

”مان ان لاءِ هتي ڪونه آهيان جو پنهنجي جائز



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقن تان نندڙي ٻار جيان ڪٽمنڙي جي لالچ ۾، هٿ کڻي وڃان.“ چيم. لفظن ۾ ڪهرائيپ هئي ”۽ تون منهنجي جنازي کي ڪلهو ڏئي دفنائي اچين“.

”پليو آهين.“ مرڪي ”منهنجو پيءُ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ گولي کائي مري ويو. منهنجي ڏاڏي کي هن ملڪ جي آزادي حاصل ڪرڻ جي ڏوهه ۾ جيل اندر ساهه ڏيڻو پيو. منهنجي هٿن جون ليڪون پڻ ٻڌائن ٿيون ته مان به ڪنهن وقت، ديس جي عزت خاطر، پنهنجي رت، ڌرتي کي ڏئي وڃان“. ۽ ٿورو ترسي ”سهڻ جي ڪوشش ڪر. پنهنجي حقن ۽ پنهنجيءَ ڌرتيءَ مٿان آيل ڏکن لاءِ، ڌرتيءَ جي نوجوانن کي ڏي ته سهڻو آهي، پيو ڪنهن ڪي.“

هنجي منهن تي، ڏک جون ليڪون اڀري آيون ”مان سلام ٿي ڪريان توکي. اڄ کان ٽي مهينا اڳ ، جڏهن تون گرفتار ٿيو هئين، توکي سلام ڪيو هيم. جي تون به ٻين جهڙان شوق پوري ڪرڻ ۽ بنا ڇاڻ جي ڏيکاءَ ۾ ڦاسي هجي آيل ثابت ٿئين ها، ته پڪ ڄاڻ مان تنهنجي منهن تي ٿڪ به اڇلڻ لاءِ ڪو نه اچان ها. مان تنهنجي ئي ديس جي آهيان، پر تنهنجي ٻولي واري نه آهيان. پوءِ به توسان تنهنجي جائز گهر لاءِ ساڻ رهندس. جي تون پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي موت جي منهن ۾ وئين هليو ته مان تنهنجي قبر کي به جهڪي سلام ڪرڻ ايندس.“ هن جو آواز

جهڪو ڏي ويو "I don't catch you in tolls"
مڻ ويندي چيو. [پڪ چاڙ، مان توکي چالبازين ۾
ڪونه ڏي قابو ڪريان]

"مان پدما آهيان. منهنجو مامو هن جيل جو
سپرنٽينڊنٽ آهي." ۽ هوءَ ٻاهر وڃڻ لڳي.
"ڇا ٿو چئيو؟" ڪوليءَ ڪان ٻاهر غرور ڀريل آواز آيو.
"مان ان لاءِ ڪو نه وئي هيس." پدما جو جواب آيو.
"پوءِ به ڪجهه ته چوندو هوندو."
"ڪجهه به نه. نفرت مان هيٺ تائين اچلائي ڏناڏين."
پدما وراڻيو "جي سندن مطالبا جائز آهن ته مڃيون
ٿي. جوان به ڪي اڻين ماربا آهن. اهيئي ته ملڪ جو
سهارو ۽ وارث آهن."
"هون. ڪلهه جا ڇورا آيا آهن ملڪ جا وارث
بڻجي." نفرت ۾ ٻڏل آواز آيو.
ان وقت پدما ڏاڍي سهڻي لڳي. پر هر ڇال اهڙي
ئي سهڻي هوندي آهي. سوچيم. اڻين نه ٿئي جو اڳتي
هلي مان ڪوڙيءَ همدرديءَ ۾ ڦسي نه ترڪي پوان
———————— ۽ جي اڻين ٿيو ته پوءِ اهو
ترڪڻ رڳو منهنجو نه هوندو، پر پوري قوم جي حقن
جو ترڪڻ ثابت ٿيندو.
ٻيءَ گهڙيءَ ڪنڪ ۾ مڪ لڳم. اڪيون ٻوٽي
ساهه کنيم. اکيون کوليم ته مڪروهه چهرو اڳيان بيٺو
هو. جڏهن ڏوڪيون لٿيون ته ساڻو ٿي ڌرتي تي سڌو ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيس همت دمر اوجاڳي ۽ اپي بيهڻ سبب سڄي ويا هئا.
ڪهن ويٺي جهلي شايد نبض ڏني.
" Still alive. for an other torture " پدما جو
آواز آيو. [اڃان جيئرو آهي، ٻي ۽ پيڙا لاءِ."]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڏيهي رهي.
”زندگي رهي ۽ قسمت سان ڏنو ته ضرور ملنداسي ۽ هميشه ملنداسي.“ چيائين.
”زندگي ڪجهه ناهي. پنهنجي اندر خيالن جي پختگي سواءِ“ چيم ”ميلو ٿيندو ناهي، پر ڪمو آهي.“
مرڪي، ”سچ ٿو چئين.“
”مان هميشه سچ چوندس.“ وراڻيم ”تون اصل آهين ڪير؟ جي مونکي ڀلائڻ لاءِ اچين ٿي ته وڏيءَ غلطيءَ تي آهين. مونکان پنهنجو ڏک ڪو نه وڃائجي سگهندو نه.“
”سمجهان ٿي.“ وراڻيائين.
”ته باقي پوءِ—؟“ چيم
ٿڌو ساهه ڀريائين. ”اڄ کان ڇهه مهينا اڳ ساڳيو هئين. هاڻي به ساڳيو آهين.“ چيائين. هوءَ ٿن مهينن ڏانهوءِ آئي هئي. ”جيڪر تون منهنجو هجين ها!“.
اکين ۾ ڏنومانس. دوکي ۽ دولاب جا ڪيترائي روپ ڏٺاهيم. پر ڪو روپ نظر نه آيو هنجي اکين ۾.
”تنهنجي ڌرتي به منهنجيءَ ڌرتيءَ جيئان مظلوم آهي.“ چيائين.
هوءَ مان ٿي وئي. مان ماٺ رهيس.
”توکي ڀهريون ڀيرو هڪ ڪاليج جي فنڪشن ۾ ڏٺو هيم. قسم ناسي ۾ تو پنهنجيءَ ڌرتيءَ جو قسم کنيو هو. تنهجي اها سوچ ڪيترو نه پياري هئي. ان وقت تون ڪيڏو نه اڏول ۽ بي پرواه لڳو هئين.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اڄ به جيل جي سختين تنهنجيءَ انهيءَ ارڏائپ ۽ بي پرواهيءَ تي ڪو اثر ڪونه ڪيو آهي. هائي به تون پهريون جيئان مضبوط آهين."

"مامي جي آفيس ۾ سياسي قيدين جي لسٽ ۾ جڏهن تنهنجو نالو ڏٺو هيم ته توکي ويجهو ڏسڻ لاءِ دل چاهيو هو. تڏهن ته اڳين پيري تو وٽ آئي هيس. توکي ڏسڻ سان منهنجي اکيان سا ڳئي تصوير چٽي تي وئي هئي. هڪ اڏول مرد جي بي پرواهيءَ ۽ بي غرضيءَ جي تصوير."

"خبر ٿي منهنجو پيءُ ڪونهي، ماءُ ڪونهي." ۽ هنجو آواز ڳورو ٿي ويو.

"بابو هن ديس جي آزاديءَ خاطر گوليءَ جو ڪاچ ٿي ويو ۽ ماءُ وحشين جي، گولين ۾ رت جي ٿيج هاري، مون کان موڪلائي وئي. ۽ ڏاڏو جيل جي بند ڪوٺين ۾ ئي مري کپي ويو. مان پنهنجيءَ ماءُ جي رت، بابي جي گوليءَ جي آواز ۽ ڏاڏي جي جيل جي سورن کي ذهن جي اندرين پردن ۾ سانڍي وڏي ٿي آهيان. ڇا تون پوءِ به چوندين، مان ديس جي جوڌن جي جدوجهد کان انڪار ڪري سگهان ٿي." ۽ هوءَ روئي ويئي.

"خير ڇڏ انهن ڳالهين کي" چيائين "مان سنڌي ته سني ٿي ڳالهايان نه؟"

"ها" چيم. هن جي سنڌي ڇا هئي. ٿي پاڳا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انگريزي. ”بنگالي هر ٻولي سٺي ڳالهائي سگهندو آهي.
ڏس رونا ليليا ڪيئن نه سٺو ٿي ڳائي.“
چيڻ ٿي ته مرڪ تري آيم. مون سان هنجي اِها ٻي
ملاقات هئي.
”مون کي خبر آهي، تون هنــي چو آهين.“ پاڻ
ٿي چيائين ”سنڌي ٻولــي قومي ٻولــي.“ ۽ مرڪي
”ون - يونٽ ٽوڙيو، سنڌين کي جائز حق ڏيو. ائين نه؟“
”ها“
”پلا توهان جو ڪو پنهنجو سياسي ليڊر ڪونهي
ڇا، جو آواز اهو ڪٿي مٿي اٿاري.“
”آهن ته سهي. ڪي جيلن ۾ آهن، ڪي خاموش.
باقي ـــ“ مان ماٺ ٿي ويس.
”باقي ڇا؟“ ورائي پڇيائين.
”جيڪي مٿي وينا آهن، سي ٻڌن ئــي ڪين ٿا.
سائن مليانسين ته جواب مليو ”You Sindhi go to hell“
[توهان سنڌي وڃي جهنم ۾ پئو.]
”پوءِ ـــ“
”پوءِ ڇا؟“ چپ کي چڪ وجهندي چيم ”جهنم
۾ ڪرڻ کان بچياسين ته پنهنجي حقن لاءِ شايد ڪجهه
ڪري سگهون.“
هوءَ ماٺ ۾ اچي وئي.
”توهان جي سياسي ليڊرن کــي به ڪجهه ڪرڻ
گهرجي.“ چيائين ”اهو بار رڳــو شاگردن ۽ اديبن
تي ته ڪونه آهي. قوم جو هر فرد پنهنجي حقن وٺڻ

Scanned with CamScanner

لاءِ پابند آهي.“
”هنن جي نئين هلي“ چيم.
”باقي توهان جي هلي ٿي ڇا جو روڊن تي نڪري آيا آهيو.“ پڇيائين.
مان ماٺ ۾ رهيس.
”ڇاڪاڻ ته، توهان جي هلي ٿي ڇا؟“ اکين ۾ جهاتي پاتائين ”ڳالهه اصل ۾ ڪردار جي آهي. جي جذبو سچو آهي ته هلڻ نه هلڻ جو سوال پيدا ڪونه ٿو ٿئي.“
”اڳي ٿو توهان جي سياسي ليڊرن جو ڪو ڪردار ئي ڪونهي يا وري توهان ڪين ڇائي واٽي پاڻ ڊِل ڏني آهي. ٿي سگهي هڪ ٻئي کان پري رهڻ سبب توهان کي هڪٻئي لاءِ غلطفهميون پيدا ٿي پيون هجن. بهرحال ڪا نه ڪا ڳالهه ضرور آهي.“
”اسان ته هنن جي درن جا وڏا چڪر ڪاٽيا آهن.“ چيم ”پر ........ شايد هو واقعي مجبور هجن.“
”مجبور؟“ ذري گهٽ رڙ ڪيائين ”توهان ڇو ڪونه مجبور آهيو؟ ائين ته نه آهي جو توهان هنن کي پاڻ سان ڪٽڻ نٿا چاهيو. پر جيترو سنڌ جي حقن ۾ توهان پنهنجو حصو سمجهو ٿا، اوترو هنن جو به آهي. پوءِ سختين ۾ اڪيلا توهان ڇو ٿا پئو. هنن کي به ساڻ ڪٽو، راضپي سان يا زوريءَ. هر حال ۾ هنن کي ساڻ هلڻو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"هنن کي زوريءَ پاڻ سان ڪٺو. گڏ هلڻ تي جيڪو راضي نه ٿئي انهيءَ جو محاسبو ڪريو. قوم اڳيان هن جو ڪردار کولي رکو. هن کي پنهنجو سياسي ليڊر بڻجڻ نه ڏيو. قوم جو دٻاءَ زهر کان به وڌو قاتل آهي. توهان انهيءَ زهر کي وساري، پاڻ کي اڪيلو ٿا ڪريو. جيستائين اندر ۽ ٻاهر قومي دٻاءَ پيدا نٿا ڪريو. توهان جي اڪيلي - سر جدوجهد هڪ طرفي ۽ خودڪشيءَ جي برابر رهندي. ٻڌاءِ تون ڪيستائين پاڻ جهڙا جوڌا جوان انهيءَ خودڪشيءَ جي حوالي ڪندو ايندين؟"

هوءَ ائين چپ ٿي وئي ڄڻ زهر جو پيالو پي ورتائين. جڏهن اٿي ته چيائين.

"مومل کي ياد ڪجانءِ"

"مومل؟"

"ها مومل. سنڌ جي نه ڪٿي، بنگال جي ئي سهي." چيائين "ياد رهندين، هميشه لاءِ."

۽ هوءَ هلي وئي.



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٣

سچو ڏينهن گهر ۾ ئي ويٺي گذاريم. ٻاهر نڪرڻ جو خيال ئي ڪونه ٿي ٿيو. پورا ٽي ڏينهن اڪيلو راجشاهيءَ جي گهٽين ۽ بازارن ۾ گهمندي ٿڪجي پيو هوس. آدي وڏي جون پنهنجيون مصروفيتون هيون. هو هڪ بئنڪ جو مينيجر هو. ٽن سالن کان اتيئي هو. بنگالين جو رنگ ۽ مهانڊا ڏسڻ جهڙا ته ڪونه هيا. پر پوءِ به ڪو ڪو چهرو تکو ۽ وڻندڙ ٿي نظر آيو. سچ لڳي فرئنڪلن ۽ ڊونا ادي سان گهر ملڻ آيا. فرئنڪلن هڪ ڪمپنيءَ جو آرٽ ڊائريڪٽر ۽ ڊونا سندس زال هئي. هنن سان گڏ علي ۽ افضال به هئا، جيڪي پڻ ساڳي ڪمپنيءَ ۾ ملازم هئا. ڊونا، فرئنڪلن کان وڌيڪ خوش طبع ۽ کلڻي هئي. ڳالهه ڳالهه تي ٽهڪ ۽ پنهنجائپ جو احساس.

”مسٽر منور، ڪڏهن پنهنجي ٻاءُ کي وٺي اچو نه اسان وٽ.“ ڊونا چيو.

”پاڻ ننڍڙو ناهيان“ وراڻيم ”جو ادو وٺي اچي. مون کي پاڻ چئو ته هليو ايندس.“

هن وڏو ٽهڪ ڏنو. ”اها پاڻ وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهه ٿيندي.“

”پر مسٽر فرينڪلن خاموش آهي. اعتراض ته نه اٿس؟“ چيم ”مسٽر فرينڪلن، ڇا مان صحيح ٿو چوان.“

”اسان يورپ جا آهيون، سنڌ جا نه.“ هن کلي چيو ”اسان هڪ ئي ڇت هيٺ ڪپڙا پائيندا ۽ لاهيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهيون.“ ۽ منهنجي ڪلهي تي هٿ هڻي ٿهڪ ڏنائين.
”تون ڳڻتي نه ڪر، مسٽر فرينڪلن، مسز مختيار
سان ڪڏهن ملڻ جي ڪوشش نه ڪندو“ ٻونا ورائيو.
سيئي ڪلي ويئا.
”اسان ۽ توهان جي معاشري ۾ وڏو فرق آهي“
ادي منور ورائيو ”ڪي ڳالهيون ته اسان وٽ زبان
تي آڻڻ به ناگوار سمجهيون وينديون آهن.“
”خير، اهي علي ۽ ڪان پڇي وٺنداسين.“ مسٽر
فرئنڪلن چيو ”تون اڄڪاڻ ضرور، سڀاڻي شام جو.“
”تنهنجو پورو خيال رکيو ويندو.“ ٻونا اٿندي چيو.

O ڪمري ۾ گهڙندي ئي ٻوتلن کلڻ جو آواز،
گلاسن ۾ برف ٽڪرن جي ڪٽ ڪٽ صاف ٻڌڻ ۾
آيم. انڊين بنگالي ۽ انگريزي ٻولين جو گڏيل لهجو.
ٻونا ٻوڙي اچي ٻانهن ڪان ورتو. چيائين.
“Hot drink, cold drink, cofee, tea, champion
or anything else”
[ڇا پيئنديون؟ چانهه، ٻوتل، ڪافي، شيمپين يا پيو ڪجهه]
”ڇا پيو ڪجهه؟ It is drinking bout, how I
could be away [ شراب جو دور هجي ۽ ورتي
پري ٿيو.“
ٻونا [ واه! اهو ته پاڻ سٺو ] “Well, it is nice”



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

[illegible] ڏاڍو سهڻو پيو." ۽ ڪمري ۾ ڦرندي
[illegible] اچي چيائين "تون ڇا ٿو محسوس ڪرين
[illegible] آهيان؟"

مون هن کي ڏٺو. هوءَ ايتري سهڻي ته ڪونه هئي. نه ڳري ڪا من موهيندڙ تيز مهاندن واري هئي. پوءِ به شوخ، ڦڙڪيلي ۽ جوان ضرور هئي. يورپ ۾ شايد ڪنهن کي سونهن سان ڇڪي سگهي هئي يا نه، باقي هتي ته پوءِ به ولائتي هئي!

"مان ڇا ڄاڻان." چيم "آهين ڇا؟"

هن وارن جو برش کنيو ۽ وارن کي ڏيڻ لڳي. "You naughty boy" [ هل شرارتي ] چيائين منهنجي خيال ۾ تون ڪجهه وڌيڪ شرارتي آهين، خاص ڪري عورتن سان."

برش رکي، آئيني جي ويجهو ٿي پاڻ کي چتائي ڏٺائين ۽ مرڪي مون کي ڏٺائين. مان به اهڙو ڪونه هوس جو هن جي ان انداز تي جهٽ ۾ ڪير لاهي ويهان ها. سوچيم. هوءَ منهنجي موجودگيءَ کي پنهنجي اندر جوش ۽ سونهن پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجو سهارو ٿي سمجهي

"تنهنجي سونهن ۽ جسم ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي." چيم.

هوءَ مرڪي اڳيان اچي بيٺي. ايترو ويجهو، جو هن جو سهڻو پاڻ سان لڳندو محسوس ڪيم. مان سڀ ڪجهه سمجهي ويس. پر منهنجي جاءِ تي ٻيو ڪير نه هجي ها، سمجهي رهي ها.



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جي واندو هجين ته هلون ٻاهر گهمڻ." چيائين
"ڊرائيونگ تون ڪندين ۽ مان تنهنجي پر ۾ هوندس. ڏاڍو لطف ايندو." مرڪي پڇي. "هتي بنگال ۾ اڪيلائيءَ جون گهڙيون ٿي جايون آهن. ٻڌين ته اٿو نه."
"تون ڳالهائين، مان نه ٻڌان، اهڙو ٻد ذوق سمجهيو ٿي."

ايتري ۾ ٻاهر هڪ وڏو ڌڪو ٿيو.

"الائي ڇا ٿيو؟" چرڪ ڀري چيائين.

"ڏسي ٿو اچان." چيومانس.

ٻاهر نڪتس ته سامهون مائيڪل ٿي آيو. هو هن جي آرٽ ڪمپنيءَ ۾ فوٽو گرافر هو. ڌڪي لاءِ ٻڇيومانس ته ورندي ڪونه ڏنائين. هو پنهنجي خيال ۾ هو ۽ مون کي ڪونه ڏٺو هئائين. فليٽن جي مٿي ونڊز ڏاڪڻ ۾ افضال اونڌي منهن سڌو ڪريو پيو هو. سندس ڇهري جو هڪ پاسو ڪاڏيءَ تائين رهڙيو پيو هو. ماس ڇڇي هيٺ ٿي لڙڪيس. رت ڏاڪو ٽپي هيٺ ٿي وئي. سڄو جسم ڇڻ سن ٿي ويس. پير جتي هئا، اتي ڄمي وياه سندس مٿان هڪ ماڻهو مٺ ڀيڪوڙي اچان ڪيس ڌڪ هڻڻ جي ڪري رهيو هو. هن مون کي ته ڏٺوئي ڪونه. افضال جي مٿان پهچندي جسم ۾ ڪاوڙ جي لهر ايري آيم. پر ڪڏائي هن جي پاسي ۾ ٺڪي چنبا کوڙيم. هن ٽاڻڙجي وچي هيٺ ڦهڪو ڪيو. اٿيو ته تيزيءَ سان مون ڏانهن گهور ڪيائين. پيٽ ۾ مڪ

ويندو آهي!.

مرڪي چيائين "سچ ٿو چئين".

دل ۾ آيو چوانس، ارسلا، تون مون کان وڌيڪ تشدد واري آهين. مڪ، چنبو ۽ لت ايترو زخمي ڪونه ڪائيندي يون، جيترو تشدد تنهنجي مرڪ ۾ آهي. پر تون ڪو مڃيندين ۽ تہ تنهنجي تشدد جا نشان ڪٿي به نه پيا آهن!.

نارائڻ وسڪي جي بوتل کولي. هن کي هميشه گاڏي ۾ وسڪي ساڻ هوندي هئي. نارائڻ جڏهن به گهٽو پيئندو هو ۽ هو اڪثر گهٽو پيئندو هو تہ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چوندو هو No body knows [ڪوبہ نٿو ڄاڻي] ۽ سندس ڇهري جو رنگ ڳاڙهو ٽماٽر جيئان ٿي ويندو هو. پوءِ اکين اڳيان ڏنڊ اچي ويندس ۽ جهٽڪو ڏئي اٿندو ۽ آواز نڪ مان ڪڍندي باٿ روم ۾ هليو ويندو.

ٻن پيگن پيئڻ بعد، نارائڻ چيو اچو تہ گلاس ٽڪرايون ۽ ارسلا کي مرڪي ڏسي هن پنهنجو گلاس منهنجي گلاس پرسان سوري رکيو. ارسلا هٿ وڌائي هن جو گلاس پري سوريو. منهنجو گلاس منهنجي اڳيان ئي هو. ارسلا هٿ وڌائي پنهنجو گلاس منهنجي اڳيان رکي، منهنجو ڪنڌ لڳي هٿ ڪان ورتو مانس "مان پرديسي آهيان، ڪنهن جي چپن جي ميٺاج منهن جي لاءِ دشمني نہ پيدا ڪري".



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنائين مرڪي پر ڦڪي مرڪ. So worthless [صفا پوچ آهين].

"واقعي" چئي ٻه پئڪو ڪيم "جيڪي خشڪيءَ ۾ ئي مرن تن لاءِ پاڻي اجايو آهي" ۽ هڪ ئي گهيٽ ۾ پنهنجو گلاس خالي ڪري رکيم.

ڪال بيل وڳو ته نارائڻ اٿي در تي ويو. ٻاهر هڪ مرد ۽ ڪجهه ڇوڪرين جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. عليءَ جو آواز سڃاتم. هو اندر هليو آيو. هن جي پويان پونم هئي. هن سان منهنجي ملاقات اڳ ۾ اقبال سان گڏ ٿي هئي. هوءَ هوٽل ۾ اقبال ڏي آئي هئي، جنهن ۾ فليٽ وٺڻ کان پهريون ٻئي هفتا رهيو هيم. اقبال، هڪ سرڪاري اداري ۾ سٺي عهدي تي هو ۽ هو سيالڪوٽ جو هو. هو ڏاڍو جذباتي ۽ عورت جي معاملي ۾ تمام گهڻو ڪمزور هو.

پونم پنهنجي خواهش ۾ جذباتي ۽ زوردار قسم جي عورت هئي. اقبال هن سان عشق ڪري ڇڻ ڦاٿو هو. جڏهن به هو، سندس فليٽ تي ڪونه ويندو هو ته هوءَ هوٽل ۾ ايندي هئي. رڳو پڪ ڪرڻ لاءِ ته هو شهر ۾ موجود آهي يا ٻاهر ويل. منهنجي ڪمري ۾ اچي چوندي هئي.

"مختيار، مان ڇا ڪريان؟ هو موڏي اچي ڇو ڪونه ٿو؟ جي ائين ٿيو ته مان ڪونه گذاري سگهندس. آخر منهنجو ڇا ٿيندو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۽ ماڻ هن کي ڪرو جواب ڏيندو هوس.

”هن وت تنهنجي لاءِ ڪا جاءِ ڪونهي. هو ته رڳو تنهنجي زورآوريءَ ڪان ڊنل آهي، نه تہ ڪڏهن ڪو ڪتو جواب ڏئي ڇڏئي ها. پيو تہ هن کي پنهنجي مڱيندي بہ آهي.“

اهو ٻڌندي هوءِ مچرجي ويندي ۽ ٻئي مکون پٺ کي هٽي چوندي. "Oh, the basrard” [اڙي حرامي سوئر] جي ائين آهي تہ پوءِ ماڻ بہ ماڻ آهيان. ڏسندي مانس. بنگالڻ آهيان تڏهن سستي ٿو سمجهي.“ ۽ چپ پڪوڙيندي ”ماڻ هن کي غندن ڪان ڪڍرائيندس. اصل هڏ ڳڏ پيڃرائيندس.“

اسان ٽئي چٽا ڇڻ ڪنهن وڏي پهاڙ تي بيٺل لڳنداهئاسين. ڪرڻ جو پيو. لهڻ جو پيو. هنجو ڏک اقبال جي بي وفائي، منهنجو هن جي ڏک ۾ پرڻ. هر وقت ڪو نہ ڪو احساس سوار.

اقبال وري ٻئي پاسي مونکي ايلاز ڪندو هو تہ ماڻ ڪيئن بہ ڪري هن کي چٽيءَ طرح سمجهايان. پونم جي ڳالهہ وقت هن جو منهن ڦڪو هيڊو، هيسيل ۽ ڊنل لڳندو هيو. ماڻ ڪيس ڪڏهن تسلي تہ ڪڏهن وري اهڙي ڳالهہ ڪندو هومانس جو هو ويتر ڊڄي ويندو هو.

”ٿوريءَ دير لاءِ اسان ڪي حقيقت پسند ٿي سوچڻ کپي“ هڪ ڏينهن چيو مانس ”گهٽ ۾ گهٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اهو نہ سوچ، تہ تون ڪڏهن هن سان عشق ۾ قابو
هئين؟ ٺيڪ آهي نہ؟“
”پر مان اڄان بہ آهيان“ ورائيائين ”توکي اها
خبر نہ آهي تہ هوءَ ڇاتي چاهي. هوءَ چاهي ٿي تہ
مان ڪانئس جهٽ لاءِ بہ پري نہ ٿيان.“
”تون رڳو ايترو ٻڌاءِ تہ تون ساڻس شادي ڪندين
يا ڪونہ؟ هوءَ بنگالڻ ضرور آهي، ايترو مان بہ مڃيندس“
”قطعي ڪونہ....“ هن منهنجي ڳالهہ اڌ ۾
ڪٽيندي چيو
”پر ڇو؟“
”مان ٻاهر وڃڻ ٿو چاهيان.“ ورائيائين ”هتي تہ
ڪو مستقبل نظر ڪونہ ٿو اچي“.
”ان ۾ پونم تنهنجي رڪاوٽ بڻبي ڇا؟“
”بلڪل حقيقت اها ئي آهي-“ مرڪي چيائين.
”تہ پوءِ هن ابوجهہ ڇوڪريءَ کي
آسري ۾ رکي ڇو تباهہ ڪيو ٿي“. کهري انداز ۾ چيومانس،
”هن جي عزت جو تورو گهٽو تہ خيال رکين ها. توکي
پنهنجي عزت آهي باقي هنجي نہ“.
”ايترو پري نہ وڃ“ چيائين ۽ ٺهڪ ڏئي ڪليو
”ترقي پسند هئڻ جي باوجود تنگ ذهن نہ ٿيءُ.“
”تنگ ذهن!“ چيم ”جڏهن پونم جو جسم نيپوڙين ٿو
ان وقت خيال نٿو اچئي تہ تون هن جي عزت ٿو لٽين.
هوءَ عورت آهي تڏهن اڄان تائين تو جهڙي بي سري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سان چنبڙيل آهي. ايڏو ڏوڪو نهي نٿو اقبال."

دل ۾ ڏک ۽ ڪاوڙجي اهڙي تيز ڇيت ڇپندي محسوس ڪيم، جو لڳو ته مان ٻيءَ گهڙيءَ هن کي لتون هڻي پنهنجي ڪمري کان ٻاهر ڪڍڻ وارو آهيان.

پونم کي اوچتو پنهنجي فليٽ تي ڏسي سمجهي ويم ته وري ڪا وڏي گڙٻڙ آهي. هوءَ معمول خلاف بلڪل چپ هئي ۽ لڳم ڪيس ڪو ذهني صدمو آيو آهي. خبر هيم ته اقبال پنهنجو سامان کڻي هوٽل ڇڏي چڪو هو. منهنجي اکيان هنن جي هوٽل جا دنگل ڦرندا رهيا.

"مون کي توسان ضروري ڳالهائڻو آهي." پونم چيو. مان هن سان ڪمري کان ٻاهر نڪري نويڪلو ٿي ويٺس. ڪنهنجي به منهن تي ڪا لڪا ڪونه آئي، سواءِ مائيڪل جي، سيني کي پونم جي مسئلي جي ڄاڻ هئي.

"هاڻي ته مان صفا قيد آهيان." چيائين.

"ڇا ٿيو وري ...."

"جيڪو ٿيڻو هو سو ٿيو." چيائين "مان هاڻي سڀ ڪجهه ڪري سگهان ٿي. مان اميد سان آهيان. اقبال پيءُ ٿيڻ وارو آهي."

مان ڏک جي آخري تهه تائين پهچي ويس. دل ۾ هن جي پيار جي احساس جي سٽ آئي. ڪير پيار جي پوڇا ٿو ڪري، ڪير پيار دل ۾ ٿو سانڍي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڪيلائيءَ جي سخت گهرج محسوس ٿي. هن جي ان نئين مسئلي منجهائي ڇڏيم. پونم جي اندر ڏک ۽ سور جو زخم، پنهنجي دل ۾ چٺجندي ٿي محسوس ڪيم. هوءَ عورت هئي، رڳو روئي ٿي سگهي. پڇي وڃڻ ته رڳو مرد ٿي ڄاڻي.

---

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ۵

پدما ٻاسي ڪان ويٺي هيم. ڊونا جي اڪ چوريءَ چوريءَ مون ۽ پدما تي ٽڪي پئي. اڄ ٻه پدما ڳاڙهي وڳي ۾ هئي. پدما جو مامو پڪو نظرياتي ٿي لڳم. ڊونا هڪ ڏينهن ٻڌايو هيو ته مغربي پاڪستان مان هو نوڪري ئي پدما جي جذباتي ڳالهين سبب ڇڏي آيو هو ۽ هاڻي هو پاڻ پدما ڪان ٻه قدم اڳتي وڌي ويو آهي. مون پدما کي ڏٺو، پدما جي مامي کي ڏٺو. ٻئي پرسڪون نظر آيا. ڏٺم ته نارائڻ جون اکيون ڦري گهري وچي پدما تي ٽڪي بيٺيون.

ٻاهر ڪار جو هارن وڳو. پدما اٿي ٻاهر وئي. آئي ته علي ساڻ هوس.

”آها، ته تون ٻه هتي پهچي وئين.“ مون تي نظر پوندي مرڪي چيائين.

”بس، سڀ مهربانيون ڊونا جون آهن.“ چيم.

ڊونا منهنجو جملو ڪونه ٻڌو ۽ پري ڏسڻ لڳي. علي منهنجي پرسان اچي ويٺو. پدما پنهنجي لاءِ ٻي ڪرسي ڪڍي ٿورو پري وڃي ويٺي. هن جي مٿان بلب جي روشني هئي. ان روشني ۾ سندس رنگ چٽو ٿي بيٺو. گهاٽي کير جي پڪل چانهه جو رنگ، اکيون سرنهن جي گل جيئان ٽڙيل ۽ مهانڊا قبر جي اونداهيءَ جيئان گهرا.

نارائڻ هن کي پاڻي پيارڻ لاءِ چيو. پاڻي کڻي آئي ته منهنجي نظر سندس چاتين تي پئي. شرم ڪان

۾ هو. مون کيس ڪاٺي ويندڙ نظرن سان ڏٺو. گهڙيءَ لاءِ ماحول ڪاروباري ڳالهين جو بڻجي ويو. نارائڻ، ٻونا ۽ علي پنهنجي تصويرن ۽ نيڪيداريءَ جي ڳالهين ۾ لڳي ويا. ڪيسي ۾ لفافو پيو هيم. پٽن ڏينهن ڪمان پوسٽ ڪرڻ وسريو ٿي ويم. نارائڻ جي نوڪر کي سڏ ڪيم.

"ڇو؟" نارائڻ سٽ ڏئي پڇيو.

"خط پوسٽ ڪرڻو اٿم. ڪنهن ويجهي دٻي ۾ وجهي ايندو" چيم.

"ڀاڻ وٽ رک. هلندي مهل وجهنداسين." چيائين.

"اٿين ته هر وقت وسريو ٿو وڃي."

"چڏ يار. تڪڙ ٿي ته ڪٿي مان ٿو وڃان."

"تون؟- تنهنجو نوڪر ڇو نه."

"هو برهمڻ آهي. هر گهڙيءَ جي ٽپال ڏکي ٿو ڀانئي."

"عجيب آهي ڪن ...." مرڪي ٻونا کي ڏنم "نوڪر آهي، پوءِ به برهمڻ. باقي اهڙو نوڪر رکيو ڇو ٿي نارائڻ."

"ڇا؟" ٻونا پڇيو.

"نوڪر برهمڻ آهي، تنهن ڪري نارائڻ جو ڪم ڪونه ڪندو. اڇوت هجي ها ته سندس ڪاڪوس به صفا ڪري ها."

هن ٺهڪ ڏنو. "Orthodox [دقيانوسي] ڇا ڳالهه آهي نارائڻ".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”اسان وٽ ذات پات جو وڏو چڪر آهي. توهان
کي ان جي ڄاڻ هئڻ کپندي.“ نارائڻ چيو.
ڏٺم، پدما چپن ۾ مرڪي رهي هئي.
“But how ridiculous, does'nt it seem funny”
[ڪيڏي نه کل جهڙي ڳالهه آهي. اصل مسخرن کان به ٽپائي ويا] ڀونا وراڻيو.
”ذات پات جو فرق، اسان جي مذهب جو حصو آهي. توهان جي سمجهڻ کان ڏکيو ۽ پري آهي.
“We believe in rebirth and re-incarnation”
[اسان ٻئي جنم ۽ ٻيهر جسم ملڻ ۾ يقين رکون ٿا] نارائڻ چيو ”ماڻهو ٻئي جنم ۾ برهمڻ ٿئي ٿو جيڪڏهن هن پهرين جنم ۾ چڱا ڪم ڪيا هوندا“.
”اڇوت ڪيئن ٿو بڻجي؟“ مون پڇيو.
“Because he has not earned merit”
[انهيءَ ڪري جو هن چڱا ڪم نه ڪيا] نارائڻ چيو
”پر اها ڳالهه تڏهن سمجهندا، جڏهن اسان جي مذهب، يقين ۽ اعتقاد کان پوريءَ طرح واقف هوندا.“
”هون “earned merit” پدما پٽڪو ڪيو ”رکو فريب“.
نارائڻ پدما کي ڏٺو. پدما جو چهرو شوخ هو
”واقعي اهو سمجهڻ ڏکيو آهي“ چيم ”جو هزارين لکين ماڻهن کي بس اڇوت قرار ڏنو وڃي. نارائڻ، انسانيت جي ٺيڪيداري غير انساني طريقي سان.“



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوءِ تہ ٻنهي جنم ۾ ناراڻ سان ملاقات ٻهاري
سان گڏ ٿيندي.“ پدما کلي چيو.
”اهو اسان جو مسئلو آهي. مهرباني ٿيندي جو
ان کي اتي ئي ڇڏي ڏيو.“ ناراڻ شڪي ٿي چيو.
ائين لڳو، ڄڻ منهنجي پنيءَ جي ڪنڊي جو هڪ جوڙ
ٽٽي پيو. پدما مون کي ڏسي رهي هئي. دل ۾ آيو تہ
غير انسانيت جي هن سلوڪ ماٿان، نفرت جي الٽي
ڦٽي ڪريان.
”بمبئي ۾ هڪ ڀيري هڪ هوٽل جي ٻاهر هڪ
ماڻهوءَ کي گٽر ۾ غش جي حالت ۾ ڪريل ڏٺو هيم.
ٽن ڪلاڪن کان بعد واپس آيس تہ پوءِ بہ هو ائين ئي
پيو هو. سوين هزارين ماڻهو اتان گذرندا رهيا پر ڪنهن
هن جي مدد ڪونہ ٿي ڪئي. ڇوتہ هو اڇوت هو.“
”پر تو ڇا ڪيو.“ احتشام مون کان پڇيو.
”مون پوليس واري کي سڏ ڪيو ۽ هن سان گڏ
کيس ٻاهر ڪڍيم.“ ورائيم.
”انڊيا ۾ اهڙين ڳالهين تي ڪٿو نہ ويچار. ظلم
هر هنڌ جاري آهي. ڇا تو وٽ ڪونهي. ڇا سنڌ ۾
ڏاڍ ناهي“.
”پر اسان وٽ تہ اهڙو قهر ڪونهي.“ ٻنا
وچ ۾ چيو.
”خبر آهي. ڇا ڪارڻ جي رت جو رنگ ڳاڙهو
ڪونهي؟“ پدمان ٻنون کان پڇيو ”ڪن ڪاروئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پڌاءِ. پوءِ هُن کان ايڏي نفرت ڇو ٿا ڪريو. روڊيشيا، ڪيوبا ۽ ويٽنام جو قوس ڪير تو ڪري؟ اسان پــا ڪي آسماني بلائون.»

پدما ڪي پنهنجو سمجهيم.

«ايـڏي ڪاوڙ» ڪيس چيم «موملَ تــہ ڪڏهن ايڏي ڪاوڙ ڪونہ ڏيکاري هئي.»

هن ڪان ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو. ڏڏائين «بنگالي موملَ» آهستي چيم. هوءَ منهنجي ويجهو ٿي ويئي. مرڪي پڇيائين «تون مختيار جيل وارو آهين» ڪنڌ لوڏيم. «هـا، بنگالي موملَ ڪي ڪو نــہ وساريو اٿم.»

«ڏاڍو مٺارو ٿي پيو آهين. سچائڻ کان ئـي ٻاهر» چيائين «ڪنهن چالبازيءَ ۾ تہ ڪو نہ ڦاٿين؟

«هاڻي ڦاسڻ لاءِ تيار آهيان.»

"But now I don't catch you in my tolls"

[پر هاڻي توکي ڦاسائــڻ مان ڪهڙو فائدو]

۽ ٺهڪ ڏنائين. مان بہ ٺهڪ روڪي نہ سگهيس. ٻونا ڏسڻ لڳي مونکي پنهنجي ليـکي ڇپن تـي مرڪ تري آئي.

«تو تہ وساري ڇڏيو.» ڪيس چيم.

«هرگز نہ.» چيائين «ديس ۽ دلبر بہ ڪي وسرڻ جون شيون آهن. ياري ۽ بي غيرت ئي وساري سگهي ٿو.»

«سچڻ ۽ ساڻيهہ ڪنهن الاسيءَ وسري.» ڇپن تي آيم.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڇا؟" پڇيائين.

"اهوئي جيڪو تو چيو سو منهنجو لطيف گهڻو اڳ چئي ويو هو." وراڻيم.

"رڳو تنهنجو نه، پر لطيف منهنجو به آهي." چيائين "ڏي خبر، ون - يونٽ ته ٽٽي ويو، اڳتي ڇا ٿيندو. حق ملندا."

"ونداسين." چيم.

"خبر پئي اٿم ته هاڻي سيني جو سچو مارو سنڌ ستان آهي. روزانو هزارين ماڻهو ٽرينن ۽ بسن ۾ پري کان سنڌ ۾ ڪمائڻ لاءِ وچي رهيا آهن. حج واري رش لڳل آهي. ها؟"

"ها" آهستي وراڻيم.

"اهو به ٻڌو اٿم ته هنن کي ون - يونٽ ٽٽڻ جي باوجود به نوڪريون انهيءَ آسانيءَ سان ٿيون ملي وڃن جيئن ٻار کي ماءُ جي ڏيج. ۽ مقامي ويچارا نوڪرين لاءِ ڌڪا ۽ ٿاٻا ٿا پيا کائن، پوءِ به توهان جا ماڻهو چپ آهن ۽ ليڊر خوش آهن. ائين چو؟"

"تون سڀ ڄاڻين ٿي، باقي مان ڇا ٻڌايانءِ؟"

"نه مان گهڻو ڪجهه ٻڌڻ ٿي چاهيان" وراڻيائين

"اها ته خبر هيم، سنڌ جون زمينون ۽ وقف پراپرٽي غير سنڌين کي ائين ٿي نيلام ٿيون، جيئن غنيمت جو مال. ۽ غريب مقامي ماڻهو زمين يا متروڪ وقف پراپرٽي وٺڻ جي ڪري ته چڻ سرڪار کي ننگي گار ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏنائين. باقي مٿين کي پنهن جو حصو مليو تي ويو ۽ مو چوريءَ جي مال تي ڏاڍا خوش هيا."

"پدما، ڇو تي اهي ڳالهيون ياد ڏياري منهنجي ميءَ پارٽي زهر ٻڌائين." ڪيس چيم "پيو به گهڻو وقت ملي ويندو ڳالهائڻ لاءِ."

"موت ته ڪونه ڪاڏي تي" اکيــن ۾ گهوري ڇيائين.

"پارٽي يا بــي غيرت ڪونه ٿيو آهيان." چيــم "سنڌ منهنجي رهندي."

واپسيءَ ۾ هوءَ مونکي پنهنجي فليٽ تائين ڇڏڻ آئي. موڪلائڻ ويـل مرڪي سلام ڪيائيــن ۽ مــون اکيون بوتي هن جي سلام کي سجدو ڪري ورتو.

—*—



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٢

فليٽ تي پهتس ته هڪ ئي وقت ٻه خط پيا هئا.

پهريون خط:

پيارا مختيار-

اميد ته خوش هوندين.

توکي وئي پورا چار مهينا گذري چڪا آهن. وچ وقت ته مهيني اندر موٽي اچڻ لاءِ چئي ويو هئين. ڪٿي بنگال جي ڪاري جادوءَ ۾ ته ڪونه ڦاسي پيو آهين. مولا بخش کي ٻيهر گرفتار ڪيو اٿائون. سمجهان ٿو وري جيل جا ڏينهن اچي ويا آهن. هتي پي پي پي ۽ ايڏانهن عوامي ليگ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو پاور حاصل ڪرڻ جي ڇڪتاڻ شروع ٿي چڪي آهي. پارٽين کان وڌيڪ مغربي ۽ مشرقي پاڪستان جي بالادستيءَ جو سوال پيدا ٿيندو ٿو وڃي. ترقي پسند، دانشور ۽ شاگرد طبقي پويان وٺ پڪڙ ۽ دٻاءُ شروع ٿي چڪو آهي. هنن جي خيال ۾ سنڌ ۽ بلوچستان مشرقي پاڪستان جو ساٿ ڏيندو. تنهن ڪري اڳواٽ ئي ڪات ڪهاڙا تکا ٿي ويا آهن. تون ڪڏهن ٿو اچين. توکانسواءِ جيل ۾ ته ڇا، پر بهشت ۾ به گذارڻ ڏکيو ٿيندو. سڀ ساٿي تنهنجي راهه تڪن ٿا. پنهنجي جائز حقن وٺڻ جو آواز جي هن واريءَ به دٻجي ويو ته ان کي وري اڀارڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو. هتان جا قومي ليڊر ته ڪرسي کي ائين پيا ٿا ڳولهن جيئن ڳجهه ڍونڊ کي. سنڌ ۽ سنڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماٺهن سان اليڪشن ڪانپوءِ هنن جو ڇا وڃي. هنن لاءِ پوءِ سنڌي ماڻهو جهڙو اڇوت.

اوسيئڙو رهندو — تنهنجو اشرف.

ٻيو خط:

پيارا پٽ مختيار.

ڇڱو ٿيو جو ڪجهه ڏينهن ايڏانهن هليو وئين. هتي پوليس وري تنهنجو پيڇو آئي هئي ٻئي ڏينهن آرام سان اتيئي گذار، جيستائين هتي ٺاپر نٿي ٿئي. تنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ توکي ڏاڍو سنڀالن ٿيون پيون. پري ٿيو آهين ته روز ياد ٿو اچين. جيئن ئي حالتون نيڪ ٿين ته اچڻ ۾ دير نه ڪجانءِ. پنهنجو ديس، وري به پنهنجو آهي. پنهنجيءَ ڌرتيءَ جي ڇڪ پٽ ڪنهن ڪي نٿي رهي. تون ته منو پٽ آهين. ٻيو ته پروين جي منٿيءَ جي ڳالهه هلي ٿي. تنهنجي پنهنجي سوٽ آهي، تون پاڻ سڃاڻين. تنهنجي ماءُ جو به زور آهي. تون به راضي هوندين. پنهنجيون آخر پنهنجيون آهن. اچڻ کان اڳ ۾ ٻئي اکر لکي موڪلجانءِ. خدا توکي سلامت رکندو.

تنهنجو بابو — عبدالرزاق

ڇو، توکي ڳاڙهي ۽ اڇي رنگ کان علاوه ٻئي رنگ جو وڳو ڪونهي ڇا؟" پدما کي هروقت انهن ٻن رنگن جي ڪپڙن ۾ ڏسي پڇيم.

"بس! مون کي اهي ٻئي رنگ پسند آهن" وراڻيائين "توکي ناهن پسند ڇا؟"



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر ڪا خاص ڳالهه.“

”ماءُ جي وهيل رت جو رنگ ڳاڙهو ۽ ڪفن جو اڇو هو.“ چيائين.

”پر—“

”پر هر ڪونهي. رت ۽ ڪفن ئي ته سڀ ڪجهه آهي.“

”هتي ڀلا ڀيو ڇا آهي؟“ پڇيم

”سڀ ڪجهه آهي.“

چيائين ”لولا لنگڙا ٻڪاڻل ٻار. مانءُ ڳهي لاءِ پننڌڙ بنگالي. اڀوجهه ۽ مظلوم مزدور، بک تي ٻارن کي لوليون ڏيندڙ مائرون. ٻارن جي خالي پيٽ ۾ مانيءُ ڳهي وجهڻ لاءِ عزتون لٽائيندڙ مجبور عورتون.“ اکيون پرجي آيس ”تون ڇا ڏسندين. سهگل، دادا ڀائي يا آغا خان جا ڪارخانا! هوائي جهازن ۾ دنيا جا ٿيلها پري ويندڙ مومن! نيٺ تون ڇا ڏسڻ چاهيندين؟ گهٽين ۽ رستن، جهوپڙيــن ۽ پکن ۾ پاسريــن نڪتل سڏڪا پرينڌڙ ٻار ۽ ماڻهو يا حڪومت ڪندڙ شان ۽ شوڪت عزت ۽ وقار وارا نوراني چهرا.“

”پدما ٺڌي ٿيءُ.“ چيم ”تون وڌيڪ ريڊيڪل ٿي لڳين. طبيعت کي سنڀال.“

”ريڊيڪل مان نه پر حالتون بڻيون آهــن.“ چيائين ”مان انهن جــي رکو نمائندگي تي ڪريان.“



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سراج الدوله ـــ“

”انگريزن سان وڙهيو هو. اهو چوندين نه.“ منهنجي ڳالهه کي ڪٽيندي چيائين ”هن پنهنجي تاريخ ناهي. اسان پنهنجي تاريخ ناهينداسين. تاريخ کي وساري نٿو سگهجي، نه ته حال ۽ مستقبل اونداهو ٿي ويندو. پر پراڻيءَ تاريخ کي هڪ هنڌ ڇمائي ڇڏڻ، ان کان وڏيڪ تباهيءَ جو ٻيو مثال ٿيندو ئي ڪونه.“

”يلا، ماني هاڻي کائيندين يا پوءِ.“ اوچتو پڇيائين.

ٻاهر ڏاڍي هوا هئي. درين جا طاق هوا جي زور تي کڙڪيا پئي. اٿي ڪري دريون بند ڪيم. ڪمري ۾ هلڪي اونده ٿي وئي. هوءَ جهٽ گهڙي ماٺ رهي. پوءِ مون کي ڏسي ڪمري ۾ چوڌاري نظر ڊوڙايائين ۽ اٿي ڪري درين جا طاق کولي ڇڏيائين. ”چمڙا ته ناهيون جو اونده سان پيار ڪريون-“ چيائين ”اسان روشنين جي پوڄا ڪنداسين.“

ياد آيم. هڪ ڀيري پنهنجي دوست سليم سان گڏ ريل ۾ ٿي ويس. ٻاهر تيز هوا هجي ۽ مٽي ڪمپارٽمينٽ جي اندر ٿي آئي. چڱا مڙس ٻه ويٺا هجن هنن مٽيءَ جي ڪري دريون بند ڪيون. ڪمپارٽمينٽ ۾ اونده ٿي وئي. ٻه ٽي منٽ ته هو ويٺو رهيو. پوءِ اٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منيءَ دنيا جي ڪمزور انسانن تي قبضو ڪيو آهي ڇو؟
مان نفرت ٿو ڪريان. مان ان بيٺڪي راڄ کي ٽوڙيندس.
هي ننڍو سڙڪ رهيو آهي. ٻاهر جا الا اڏامي رهيا
آهن. عورتن ۽ ٻارن جون ڇيخون چوڌاري آهن. اها
ٻاهر ڪڏهن کان اسان جي ڪيڏ آهي؟.
سوچ جو سلسلو ٽٽي پيو. در تي کڙڪو ٿيو. در
کوليم. سامهون پدما بيٺي هئي.
”ڊنل ٿو نظر اچين؟“ نرڙ تي پگهر ۽ هراسيل
چهري مان اندازو لڳايائين. ”روئڻ جهڙو منهن ٿي. گهر
ياد آيو ٿي ڇا؟“
”نه، سڀ خبر آهي“ چيم ”پر تون هن مهل،
ٿاڪ منجهند جو ڪيئن؟“
”ڇو، نه اچان ها ڇا؟“ ٽڪر ۾ چيائين ”هتان
رستي تان متيس ته سوچيم توکي ڏسندي وڃان. پر تون
ايترو هراسيل ڇو آهين. ڪن مون کي ڏسي منهن جو
پنو لهي ويو ٿي.“
”هلي آءُ، اچي اندر ويهه.“ چيو مانس. هوءَ ويٺي
رهي. نه هن ڳالهايو نه مون. ڇگي دير ماٺ ۾ ويٺا
رهياسين. ٻنهي جون اکيون جهڪيل رهيون. ڇڻ هڪ
ٻئي جي اکين ۾ ڏسندي خوف ٿي ٿيو.
”مختيار“ هن اٿندي چيو ”Some times,
certain people CROSS other peoples lives
for a reason“ [ڪڏهن ڪي ماڻهو ڪن ٻين ماڻهن
جي زندگين ۾ ڪنهن سبب سان زوريءَ داخل ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويندا آهن؟.

سون اکيون مٿي ڪري هن کي ڏٺو ۽ هوءَ پنهنجيون اکيون جهڪائي، آهستي آهستي وکون کڻندي در ڏانهن وڌي وئي. مان هن کي ويندو ڏسندو رهيس.

---



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توهان نه دولهه دريا خان، نه هوشو شيدي، جو ذهن ملهائي سگهو ٿا، پوءِ به ڇو ٿا آزاد آهيون.“
من جي اڪين ۾ ڳوڙها اچي ويا ”اڄ بنگال بکيو آهي، سڀاڻي سنڌ بکي ٿيندي. ڪير ڄاڻي ڪنهن جي قسمت ۾ رکيو ڏک ٿي ڏک ڇو آهن.“
اڄ ساڳيون ڳالهيون روزا ڪيون. پر روزا ۽ پدما جي سوچڻ جو انداز مختلف هو.
رات پدما، منهنجي ذهن تي خيالن جا ڪيترائي گنجريل چار اچلي وئي. ڪي ماڻهن ڪن ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڪنهن سبب زوري داخل ٿيندا آهن! پر ڪيترا ماڻهو، بنا سبب داخل ٿي ويندا آهن. سوچيم، ائين ٿو لڳي پدما منهنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿيندي ٿي وڃي سبب يا بنا سبب جي. يا وري مان هنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿي رهيو آهيان. مان سندس اکين ۾ بنگال جو حسن ۽ ڏک ڏسي پنهنجون اکيون پوري ڇڏيندو آهيان. هنجي اکين ۾ ڏک ۽ حسن کان علاوه سچائي به آهي. منهنجي اکين ۾ ڇا آهي، ڪجهه به نه. ڪا تصوير ڪو نه آهي، جيڪا هوءَ ڏسي سگهي. هن جي اکين ۾ ديس جي محبت جو ڇوليون ڏيندڙ سمنڊ آهي.
عليءَ روزا ڪنهن ڳالهه تي ڪلڻ لڳا. منهنجو خيال پدما جي گرد ڦري رهيو هو. ائين جيئن ڪمپلس جي سئي رکيو اتر تي ئي اچي بيهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عورت تي ڪري به هن کي پاڻ تـي ڪيڏو نہ
اعتماد آهي هوءَ پنهنجيءَ سوچ ۾ ڪيتري نہ واضح
آهي. منهنجو هن سان ڪهڙو ناتو، ڪهڙي مٽي مائٽي.
پوءِ به هوءَ مون کي پنهنجو ٿي سمجهي ۽ ائين ويجهو
ٿي لڳيم، جيئن ڪو پنهنجي هٿ، جي ناهيل شيءِ جي
ويجهو هجي. ائين ڇو آهي؟

”تون مون کي ايڏو ويجهو ڇـو آهين؟“ پڇيو
هومانس.

”مظلوم انسانيت جي ناتي. ڌرتيءَ سان پيار جي
ناتي“. وراڻيو هيائين.

”مظلوم انسانيت ۽ ڌرتيءَ جو ناتو؟“

”اسين هڪجهڙا ناهيون ڇا؟“ ڇيائين ”تنهنجي ۽
منهنجي اندر پنهنجيءَ ڌرتيءَ لاءِ هڪ ئي سوچ ۽ هڪ
ئي سڪ آهي. اسان چاهيون ٿا تہ پنهنجي ڌرتيءَ جا
ماڻهو خوشيءَ جو گيت پنهنجي مـرضيءَ ۽ پنهنجيءَ
خوشيءَ سان ڳائن.“

نارائڻ سان ملڻو هيم. علي روزا سان ويٺو رهيو
مان مان ۾ اٿي بيٺس. ڊونـا، پنهنجي ڪمپنيءَ جي
حساب ڪتاب ۾ پوري هئي. پر مون کي اٿندو ڏسي
پڇيائين.

"Where darling" [ڪيڏانهن مٺا] ڊونا پڇيو
"To hell" [جهنم ۾] وراڻيم.
"It is not for Muslims". [اهو تہ مسلمانن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شهيد حفيظ الله چانڊيو لائبريري
Book No. A-66
Date 16-10-90
ڳوٺ ڄمال چانڊيو دوآبه ...

٧٤

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ملي ته به مهانگي. هو ندڪري آيا هئا موت جي مقابلي
لاء. انهن کي ڪير روڪي. هو مري رهيا هئا، مرڻ
لاء اڳتي وڌي رهيا هئا ۽ ڪي موت پنهنجي سرن
مٿان ڪٿي گهمي رهيا هئا.

هو هٿين خالي هئا. هنن جي هٿن ۾ رائيفلون نه،
لاش هئا. جن جي هٿن ۾ رائيفلون هيون، مشين گنون
هيون تن جون گوليون ـــــــ به لاش ڪٿي ويندڙن
مٿان بنا روڪ ٽوڪ جي وسي رهيا هئا. الا، آگ رڙيون،
ڪوڪون. ڪير سڙي ٿو، ڪير رائيفل ٿو هلائي.
سيني جا هٿ ۽ پير هڪجهڙا هئا. سڀئي پنهنجي نئين
نسل جي امانت جا وارث هئا.

اٿيس. غسل ڪيم. ٻاهر نڪتس. پر لڳم سڄو
آسمان دونهين ۾ وڪوڙيل هو. ڪرفيو جو وقفو هو.
مان ٿڪل قدمن سان نارائڻ ڏي وڃي رهيو هوس.
نارائڻ جو دروازو کڙڪايم ته هن هيسيل ڇهري سان
دروازو کوليو. شايد کو ڊپ هوس. شهر ۾ وٺ پڪڙ
شروع ٿي چڪي هئي.

”چو نارائڻ منجهيل آهين؟“

”مان ته آهيان، پر مون کان وڌيڪ تون ٿو
لڳين.“ چيائين

”شهر ۾ ڇهن لاشن دفنائڻ جو مسئلو آهي ۽
شهر ۾ ڪرفيو آهي. ايڏو وڏو هجوم لاش کلهن تي کنيون،
هٿين خالي ٽئنڪن جي سامهون وڃي رهيو آهي.“

”نارائڻ، مون لاءِ پنهنجي ڪلهن تي کڻندءِ
ڏينهن ۾ چڙهي ويندا ۽ ڏسڪن جي منهن ۾ پڳڙن
ڇڏڻ پڇي ويندا. هن کي سمجهاءِ نارائڻ، ڇا ڪري
ٿي؟“

”جلوس ۾“ نارائڻ ڌيمي آواز ۾ چيو ”هڪ
جهڙ جهڙن منهن نه ڀڄاءِ. هل ته جهٽ پهر هلي وڃون.
طوفان گهري ويندو.“

” نارائڻ، تون هن کي جهل“ چيو. آواز ڳوڙهو هو.
”ڪير ٿو چئي ڪونه جهليو“ نارائڻ چيو ”جي
چاهين ته تون هن کي جهلي سگهين ٿو. هن جو جلوس
۾ وڃڻ ڪو ايترو ضروري ڪونهي. هن کي به ٻين
گهڻن موقعن آهن ڪم ڪرڻ جا. عزيزن گولين جي
سڄڻ ۾ پاڻ کي ڇڏڻي ڏي.“

نارائڻ ٽڪ ٽڪ ۾ چونڊو رهيو.

”تو هنڪي چئو ڪونه روڪيو. ڇا تون هن کي
ايترو ٽڪ ٽڪ وڃڻ ٿو چاهين؟ ڏس نه، سندس مٿي تي
آزاديءَ جي علامت هئا. تون هن جي هيءَ نشاني ڇو
ٿو وڃائڻ چاهين.“

”پر نارائڻ جنهن مقصد لاءِ هوءَ جدوجهد ۾ رڌل
رهي آهي، ان جي ابتڙ مان هن کي ڪيئن ٿو روڪي
سگهان. ڇو هوءَ پنهنجي زندگيءَ جو مقصد منهن جي
چوڻ تي وڃائي ڇڏيندي. جنهن رستي تي هن پير وڌو
آهي، ان ۾ عزازيل لکين ماڻهن، ڀائرن، ڀينرن ۽ پيئرن

جون قربانيون ڏيئيون پونديون آهن. هڪ پدما ته ڪجهه ناهي. هوءَ نازڪ ضرور آهي، پر سندس دل ڪمزور ڪونهي. هوءَ حق ۽ امن جي جدوجهد ۾ شامل آهي. هوءَ چاهي ٿي ته بنگال جي ماڻهن کي پنهنجا حق ملن. مان پاڻ سنڌ جي حقن کان انڪاري ناهيان. هن کي ڪيئن ان کان روڪي سگهان ٿو. پر پوءِ به تون هن کي روڪ."

ناراڻ هليو ويو هو. مان پنهنجي فليٽ تي موٽي آيس. ٻاهر گهٽيون سنسان هيون. روڊ خالي هيا. پري کان ڪنهن وقت ڪو نعرو ٿي لڳو "جئي بنگلا". ڪنهن وقت ڪو ڌماڪو ٿي ٿيو ۽ وري موت جهڙي خاموشي. هوءَ جلوس جي اڳواڻيءَ ۾ هئي. جذباتي ۽ جوشيلي.

ڪيس هڪ پيري چيو هيم ته ايتري جذباتي نه ٿيءُ. متان فوجي توب جي منهن ۾ نه ڏيني.

ڪلي چيو هيائين "پوءِ ڇا ڪريان؟ سمهي پوان مات ڪري، نرلجي بڻجي،"

"چاهيان ٿو، تون اڃان زنده رهين."

"ڪن بند ڪري ڇڏيان مظلومن جي آهن ٻڌڻ کان" چيو هيائين.

"تون ڇو جيل ۾ ويو هئين. ٻڌاءِ ڇا لاءِ؟"

مان مات ۾ رهيس.

"ٻڌاءِ نه؟ Whether for ego-centricity or

[پاڻ - پڏائڻ يا حقن لاءِ] rights"
"for right" [حقن لاءِ] ورائيو هوم.

"باقي مان چاجي لاءِ ٿي هي سڀ ڪجهه ڪريان ٿوم لاءِ ٿي ته رڙيون ڪريان ٿي. ڀوءِ چو ٿو پيو روڪين؟ مرڻ منهنجي منزل ناهي. منهنجي منزل آزادي آهي. جائز حقن جي آزادي. پنهنجي مرضيءَ جي زندگي گذارڻ جي آزادي. ان آزاديءَ جي منزل تي پهچڻ لاءِ موت آيو ته قبول آهي. منهنجي موت بدلي جي اهو سڀ ڪجهه ملي ويو ته سڀ ڪان سستو سودو پائيندس."

مان مٿي ڪي هٿ ڏئي ويهي رهيو هوس. ائين لڳو هيم زندگيءَ جون سڀ راهون هن لاءِ بند ٿي چڪيون هيون.

شام جو جڏهن ڪرفيو هٽڻ جو وقفو آيو ته ان وقفي ۾ ڊڪڙو ڊڪڙو پدما جي گهر پهتس. گهٽين ۾ ساڳئي خاموشي هئي. سندس مامو در تي ئي مليو. هو مارڪيٽ مان ڪاڏي پيتي جون شيون وٺڻ ٿي ويو.

"پدما اندر آهي." چيائين

پدما پنهنجي ڪمري ۾ هئي. مون ڪي ڏسي مرڪي.

"تون اڄ جلوس ۾ هئينءَ." چيم.

"ها" چيائين "تون خوش ٿيو هوندين."

"هن" ورائيم "پاڻ اڌ - رستي تان موٽي وڃڻ وارن مان ناهيون."

هن منهنجي اکين ۾ ڏسندي چيو We are



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بي عزتيءَ جي زندگي گذاري رهيا آهيون} اسان وٽ ر کُو تلخيون آهن."

"گذري، ويندي.“ چيم ”دلگير نہ ٿي. جذبا سچا آهن تہ حقيقت پاڻ پڌري ٿي پوندي.“

”هر طرف بارود آهي.“ هوءَ ذري گهٽ روئي ويٺي ”خبر ٿي، هر گهر لاءِ هڪ فوجي محافظ (Care-taker) مقرر ٿيو آهي هو اسان جي مال ۽ عزت جي حفاظت ڪندا. پر جنهن گهر ۾ سهڻي عورت آهي، الائي ڇو ان گهر جا هڪ کان وڌيڪ محافظ پيدا ٿي پون ٿا.“

”خبر ٿي چو؟ تون سمجهه ڇاٿين ٿو.“

”پر هاڻي اسان جون عورتون غيرت کي لغڙ جيئان اڏارڻ لاءِ تيار ناهن. بلڪ اُگهہ ۾ ٿي اسانجي غيرت جا بخيا اُڌيڙيا آهن.“ ڳوڙها اُگهندي چيائين. ”ٻن ڏينهن جي ڳالهہ آهي. فوجي محافظ اچي ڪملا جي گهر ۾ پهتا. پر هن ڪين موٽائي ڇڏيو ۽ پاڻ کي غير محفوظ رکڻ بهتر سمجهيائين. چور بہ ڪڏهن چوڪيدار ٿيو آهي.“

”مختيار، مان پنهنجي قوم جي حقن جي جدوجهد ۾ شامل رهي آهيان. پوءِ منهنجي اها شرڪت ڪرڻ جي ڀاڻيءَ ۾ ڦرڻ جيتري ئي چو نہ هجي. مان پنهنجي حصي جو اهو فرض پورو ڪري رهي آهيان، جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"one self" [هرڪو رکو پنهنجي ئي جنگ ٿو لڙي.]
ماڻ ۾ سوچي پٽڪو ڪيائين.
"چو، تو اڄ پنهنجو چولو نه بدلايو آهي."
"واپس وڃي مٽائيندس." چيم، منهنجي اندر تيز
چريءَ وارو وڏ محسوس ٿيو. ٻرندڙ اکين سان ڏنومانس
"پدما، تون سکر ۾ ڄمي هئَ ۽ مان تنهنجي پيرن
جا نشان ڪرڙيءَ جي ميدان ۽ نئي جي گهٽين ۾
ڳولهيان ها."
ٻاهر لڳاتار اسٽين گنن جا ٺڪاءَ ٿيا. هوءَ اٿي
۽ دريءَ مان ٻاهر نهاريائين. مان به اٿي وڃي پويان
بيٺس.
"هو ڏس، به لاش ڦٽڪن ٿا." اکين ۾ پاٺي
هوس، پريان روڊ مٿان به لاش ڦٽڪي ٿڌا ٿي ويا. مون
اکيون بند ڪري ڇڏيون. هوءَ اکين تي هٿ ڏئي، اچي
پلنگ تي پاسيري ليٽي پئي. سندس سڏڪو نڪري ويو.
مان وري اٿي دريءَ وٽ آيس. روڊ خالي هو. ماحول
تي موت جي ماٺ ڇانيل هئي. ڪو به نه هو. سواءِ
رائيفلن ۽ ٽئنڪن جي ۽ انهن کي هلائڻ وارن جا
ٽوپلا نانگ جي ڦڻ جيئان ڪر ڪنيو بيٺا هئا، گهمنڊ
۽ دهشت جيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO

SINDH

CHANDIA GOTH QASIMABAD



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پنهنجي اندر پنهنجي وجود جو ڳڻائي ڪٿي آخر وڃان نه ڪاڏي وڃان؟

”ڪٿي نه ڪر.“ ديبا چيو ”وقت پري نه آهي جو سامراج خود ڪشي ڪندو. تون هنن جون اهي آخري ڪهاڻيون پاڻ ء.“

هوء امن ۾ پختو يقين رکندڙ هئي ۽ اوترو ئي پاڻ ۾.

”خود ڪشي هميشه بي مقصد رهي آهي.“ چيم ”اهو پنهنجو قتل آهي.“

”سامراج جو قتل“ ديبا چيو ”اهو قتل، امن جو پيغام آهي. هڪ ڏينهن منهنجي هٿ ۾ سڄيءَ دنيا جي امن جو جهنڊو هوندو.“

واقعي اهو قتل هو. مون ڪيتريون راتيون اوجاڳي ۾ ڪاٽيون هيون. ائين لڳم انهيءَ مهل منهنجي اکين ۾ اوجاڳو زوريءَ داخل ٿي رهيو هو. هڙتالون، جلسا، هنگاما، گوليون، لاش. اهي سڀ مونکي ٿڪائڻ لاءِ ڪافي هئا.

”جنگ هميشه فاشزم جو موت آڻي ٿي.“ ڪملا چيو ”اها ڪتي جي موت مرندي.“ ڪملا جو چهرو جوش ۾ ويڪرو ٿي ويو.

”اسان جون ڪکيون فقط فاشزم لاءِ موت چٽينديون“. هن چيو.

مونکي پنهنجي اندر ڏاڍو شرم محسوس ٿيو. ۽



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرم کو دليل ته ڪونهي، پنهنجي وجود جي جنگ جو ڪنجهندڙ ۽ ڪرڪندڙ زخمين منهنجي اندر چڪتاڻ جو چيڪو ڏئي ڇڏيو. بکيا ۽ ننگا هاري، مزدور ۽ هٿين خالي گوليون ڪائيندڙ، پيرن هيٺان لتاڙجي رهيا هئا. مان زخمن مان وهندڙ رت کي بند ڪونه تي ڪري سگهيس.

پر ڇو؟ منهنجو به ته وجود هو - ليڪن منهنجي وجود، منهنجي اندر احساس جو وجود ڇو ڪو نه تي پيدا ڪيو، جيڪو انهيءَ وجـود سان جنگ جوتـي، جيڪو دنيا جي وجود جو ويري هو، سواءِ پنهن جي وجود جي.

انسان ذات ڪا پتـلي ته نــه آهي، جنهن کي طاقت جي زور تـي نچايو وڃي. سوچيم، هـر ماڻهو، پنهن جي اندر جو سچ تمام رازداريءَ ۾ سانديو پيو ٿو هلي. جيڪو ڪجهه ساڻس ٿئي ٿي، پنهنجو مقدر ٿــو سمجهي. ۽ پنهنجو مقدر قوم جي مقدر کان الڳ ٿو رکي. جنهن ڏينهن اهو مقدر قوم جــو مقدر بڻيو، ان ڏينهن ناحق جي رستـي ۾ هميشه لاءِ رڪاوٽ اچـي ويندي. تڏهن ئي، ڪنهن جي حياتيءَ جي ڪا قيمت ٿيندي.

دنيا ۾ اهو نظام ڪونهي جو قسمت ۽ حياتيءَ جا فيصلا پاڻ ئاهي ۽ مٽائي سگهجن. نه ته اسان دريا خان لاءِ ٻن سون جي حياتيءَ جو سودو ڪريون ها هيموءَ



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي .رڻ نه ڏيون ها. رحيم هنگوري، الهه بچائي، بچو بادشاه ۽ پيرو وزير کي رڻ کڇ جي ميدان ۾ موڙائي بيهاريو ن ها. عنايت شهيد کي ٽئنڪ تي ويهاري، مشين گنن ۽ رائيفلن سان اڳتي وڌي اچون ها. منهنجي اندر گهٽ ۽ ٻوسٽ جو احساس نئين مونجهه کڻي آيو. مون خيالن ۾ ڪملا کي ياڪُز ۾ ڪيو ۽ پدما جي مرڪ اڳيان سجدو ڪيم. ڪانگو، روڊيشيا، ڪيوبا، بنگال. سڄو رت منهنجي وجود مان وهي نڪتو. ڪملا منهنجي رت ۾ وهنجي وئي.

"تون پنهن جي لاءِ سوچ" هڪ ڏينهن پدما کي چيو هيم.

"تون پاڻ کي اذيت پهچائي خوشي تي محسوس ڪرين."

"ائين ناهي." وراڻيو هٿائين "منهنجي اڳيان لاشن جا ڍير پيا آهن. اسان مان هرهڪ پنهنجي طور ان جو ذميوار آهي."

"مون نه سمجهيو" وراڻيم هيم.

"ڏس، جي هڪڙي ڪِوِل ڪجهه ڪرڻ چاهي ته هوءَ ڪجهه نه ڪري سگهندي، جيستائين ساڻس ٻيون ڪوشش نه ڪنديون. هيءَ دنيا، ڪِولِين جو گهر آهي. مان ائين نٿي سمجهان ته آزاديءَ جي راهه ۾ جدوجهد ڪندڙن کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڪري ڪين خون ۽ ماس جي راند کان بچائي سگهندس. پر ان



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪرنڌڙ وجود.

Q ڪڏهن ڪڏهن سچائي پاڻمرادو عليءَ جي زبان تي اچي ويندي هئي. ان وقت علي مون کي منهنجو حسين خواب لڳندو هو.

”تون به يار ڪو صفا مولائي آهين.“ چوندو ”ڪيئن؟“.

”رڳو ڪملا ۽ پدما تي آرو رکيو ٿي.“چوندو.
”ملڪ مولا جو پڪو پيو آهي. عشق لڳو پيو آهي ڏکي سير. جتان وٺئي خريد ڪري وٺ.“
”مان انهيءَ خريداري ۾ ڪچو آهيان.“ چوندس
”ڪچي جي ڪا ڳالهه ناهي.“ چوندو ”جيستائين اسان هتي آهيون، ڪا ڳڻتي نه ڪر. ڏسين ٿو، بڪ ۾ پاسريون نڪري آيون اٿن. رڳو اٿن بڪ پيٽ ۾ تڏهن نه جنهن کي اک هڻ نه عشق ڏهه پهه. پيٽ نه هنن کي به پالڻو آهي نه.“
”يلا پيو چا ڪن.“ هڪ ڏينهن جاويد پاڪستانيءَ چيو هو ”هنن وٽ آهي ڇا. رڳو ساموندي طوفان. انهن طوفانن جو ڏنڊ وري اسان ٿي ڏيون. پيو ڪير ڏيندو - مغربي پاڪستان.“
”ڦر جي مال جي هزاروين پتي.“ عليءَ چيو هو.
”تو کي شرم ڪونهي. تون به پاڪستاني آهين.“
جاويد ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿيندي چيو هو ”هي بنگالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”ها“ چيم. ٽيليفون جي گھنٽي وڳي.

”پونم تون!“ عليءَ ڳالهايو. ”ڪيئن آهين؟“

”منهنجي منهن ۾ ڌوڙ“ پونم وارٽيمو ”مختيار ڪٿي آهي.“

”جهنم ۾“ عليءَ ٺهڪ ڏئي چيو ”ترسيو ٿي ڪونه. گھٽوئي چيومانس ته توکي به ساڻ وٺي وڃي. پر ڪيس تڪڙ هئي.“

”ڪير آهي“ عليءَ کان پڇيم.

”پونم“ عليءَ ورائيو ۽ پوءِ کيس چيائين ”اچي ڳالهائينس موٽي آيو آهي.“ ۽ رسيور مونکي ڏنائين.

”مختيار، مان ڇا ڪريان؟“ پونم جي آواز ۾ ڪاوڙ هئي. ”هو ڪالهه کان گھر ڪونه آيو آهي. اڄ صبح جو هڪ ٻيءَ ڇوڪريءَ سان پٺي گھميو. پري هيو نه ته چڱيءَ طرح ٺاهيانس ها.“ ۽ وري ڍلو ٿي چيائين ”ٻڌاء ته مان ڇا ڪريان؟“

”تون مونسان شادي ڪر.“ چيومانس. ”اقبال کان سکيو رکندو سانءِ.“

”مختيار، مان ڏاڍي پريشان آهيان. ٽوڪ نه ڪر“ روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين ”ٻڌاء، هن سوئر جي ڦرڪي ڇا ڪريان؟“

”ڇا وري ڇا ڪندينءَ.“ کيس چيم ”باهه ڏيس ٻوٽي ڪيئي. ڏس نه پونم، تون ٻچڙي جي ڪڏ کيترو پوندينءَ؟“



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر ہار جو چا ٿيندو؟“

”ہلڙ کي ڪهڙي خبر ته سندس پيءُ ڪهڙو آهي.“

چيم ”هن کي جيڪو پيءُ ڏيندين، قبول ڪندو. اجايو تون ايترو پاڻ کي نه ڳار. نيٺ ڪيستائين پاڻ کي تون ائين پاڇوڪڙجي پويان رولينديءَ وتندينءَ؟“

هن جي روئڻ جو آواز آيو ”مختيار مان مري ويندس.“ ۽ مون رسيور رکي ڇڏيو.

ويچارن جو چار ويڙهي ويس. ويچاريءَ سوچيو هوندو ته سکي زندگي گذاريندي، سيالڪوٽ جا وڻ ڏسي خوش ٿيندي. پر کيس ڪهڙي خبر ته ڏکئي بکئي گهر جون غلام عورتون آئيس ڪريم جون پياليون آهن. آئيس ڪريم ڪاڏي پيالي پري ڦٽي ڪئي. مان مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيس.

”ڇو؟ ڇا ٿيو؟“ عليءَ پڇيو

”ويل ۾ آهي. اقبال ڇڏي ويو اٿس.“ چيم

”هتي جي ته ڳالهه ئي الڳ آهي. هر رات نئون تو در کڙڪايو وڃي، پونم چري آهي.“ چيائين ”ڀلاءِ هو شريف ماڻهو پونم کي سيالڪوٽ وٺي ويندو. ڪٿي ڪنيو اٿس ڇا جو وتندو سڄيون بکيون پاليندو.“

مون پنهنجي رت ڄمندي محسوس ڪئي.

”هڪ ڳالهه ٻڌ“ چيائين ”تون ڀانءِ ڪـي ڇالي واٽي تباهه ڪري رهيو آهين. پدما جي ڪيڏ لـڳنديون ته ڪڏ ۾ ڪيرينديءَ. اسان سان ڪلي ته ڳالهائي ٿي، پر اندر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

۾ خوش ڪونهي. پدما ۽ ڪملا وڏيون ڪٽر آهن.
ڪڏهن ملرائي نہ وجهني. ڪين نہ اهان جون بہ
ڪسرون تومان. پر سڀ بنگالي اهڙائي ٿي."
"نياڻي ويندا سهن" چيم "اقبال ۽ تو ۾ گهڙو فرق
ٿيو. هڪ وڏو وڇون پيو ننڍو."
"چڙي وئين" چيائين سندس آواز منجهيل هو.
"اها بہ ڪا ڳالهه آهي ڪاوڙجڻ جي. ڪڏ ۾ پون
وڃي پونم ۽ اقبال."
"ڪا ڳالهه ڪونهي." ٻٽڪو ڪيم. منهنجي
ذهن ۾ سور جون سٽون ايري رهيون هيون. ٻيءَ گهڙيءَ
هو ڪافي ناهي آيو.

O شام جا ست ٿيا هئا. مان پدما جي گهر ۾ هوس.
پدما ڪونہ هئي. نہ وري چاچو احتشام ئي هو. رکو
پوڙهي نوڪرياڻي موجود هئي. هوءَ مونکي پدما جي
ڪري، يا پنهنجي طور ڏيو ٻائيندي هئي.
"پدما نيڪ آهي." پوڙهيءَ چيو "اڄ هڪ مرد
۽ هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي گولي لڳي هئي. ڇٽن
ڪلاڪن تائين لاش روڊ تي پيا رهيا. ڪن ماڻهن لاشن
کڻڻ جي ڪوشش ۾ گوليون بہ کاڌيون. پر گولين
جي وسڪاري ۾ هو ڪٿي ڪونہ سگهيا. ڪرفيو هٽڻ
واري وقفي ۾ اهي لاشا هٽايا ويا."
مونکي ڇڻ پاڻ تي رحم اچڻ لڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”اڄ وري جلوس نڪرڻو آهي“ پوڙهيءَ جو آواز
ٻورو ٿي ويو ”الائي ڪيترا مرندا؟ ڪنهن کي ڪهڙي
خبر.“
”پدما ڪڏهن ايندي؟“ ڪَنئنس پڇيم.
”سمهڻيءَ ويل. مئل يا زخمي.“
”ماسي ائين ته نه چوءُ!“
”چو، توکي خوف ٿو ٿئي.“ چيائين ”هنگاما
ڪڏهن ختم ٿيندا.“
مان چاتي ٻڌائي سگهيس
”هنگاما ختم ٿيندا ته توهان جي شادي ٿيندي.“
پوڙهيءَ جي چپن تي مرڪ ظاهر ٿي. ”پدما مونکي
ٻڌايو هو.“
منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين ”پدما
مون کي ڌيءَ جيئان پياري آهي. توسان شادي ٿيندس
ته ڏاڍو خوش رهندي.“
مان ماٺ ۾ رهيس. ڪهڙي خبر، جيئڻ لاءِ ڪير
باقي رهندو. چوڌاري موت هو. تاريخ جا ٽڪرا ٿي
رهيا هئا ۽ پدما انهن ٽڪرن جي ڳنڍڻ ۾ لڳل هئي.
هڪ ڏينهن پدما چيو هيم.
"Nothing is changed. untill some one
is prepared to die to make it change"
[مرڻ مارڻ کان سواءِ ڪنهن به شيءِ ۾ تبديلي
نٿي آئي سگهجي.]



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪنهن ڪي تبديل ڪرڻ لاءِ موت جي ويجهو رهڻو پوندو."

"One lives untill one dies, It is better perhaps to die for some thing than to live for nothing..."

[موت تائين ماڻهو جيئرو رهي ٿو. پر ڪنهن مقصد خاطر مرڻ، بي معنيٰ موت کان تمام بهتر آهي].

منهنجو بدن ڏکي رهيو هو. اکين ۾ سور ٿيڻ لڳو. پوڙهيءَ منهنجي بي چين طبيعت ڏسي چيو.

"تون ٿڪل آهين. پدما جي ڪمري ۾ وڃي آرام ڪر، پدما ايندي ته اٿاريندي سانءِ"

O رات جا ڏهه ٿي ٿيا جو مان پدما جي گهران ڪري رهيو هوس. رات پوريءَ طرح اونداهيءَ ۾ ڍڪيل هئي. تارا گهٽ ٿي نظر آيا. ڪيترين راتين کان شهر جي روڊن ۽ گهٽين جي رونق ختم ٿي چڪي هئي. اڄ، خالي روڊن ۽ گهٽين ۾ گهمندي سرور محسوس ڪندو هوس. پدما رات جو ڪجهه حصو مون سان گڏ گذاري ڇڏيندي هئي. مان هن جون ڳالهيون ٻڌندو هوس. ڪڏهن چوندي "تاتارين جي دهشت دنيا کي ڏڪائي ڇڏيو هو. هنن جي سامهون انسان ته ٺهيو پهاڙ جبل به ڏڪي ويندا هئا. هو ڪچو گوشت کائيندا ۽ گهوڙين جو کير پيئندا هئا. روس، ايران، بغداد

جرمني، هالنڊ، بلغاريه هنن جي گهوڙن جي سنبن کان پري نه هئا. پر اڄ، اڄ هو پاڻ غلام آهن. ڇو؟ـ انهيءَ ڪري، هنن ۾ ٻڌي نه رهي ۽ عياشي داخل ٿيندي وئي. فلپائن، آمريڪا جو هندستان رهيو، جيستائين هنن نيزا ۽ ڀالا کڻي مرڻ جي تياري ڪونه ڪئي، جيستائين هٿ ۾ اسٽين گن ۽ رائفل نه آهي، آزاديءَ جو تصور اجايو آهي.“

”ڏسين ٿو، هنن خالي روڊن تي ڪيترو سڪون آهي. ائين نه؟“ پڇيائين.

”ها“ چيم.

”پر فوجي جوتا، انهيءَ سڪون کي توڙڻ ۾ پنهنجي جيت ٿا سمجهن. تون پنهنجي نرڙ تي پرايو جوتو سهي سگهندين“ چيو هيائين.

مون ڪو جواب نه ڏنو هو.

”نه، هرگز نه.“ چيو هيائين ”پوءِ به تون تيار آهين. تنهنجي هٿ ۾ رائفل ڇو ناهي. ڇا تو پنهنجي گهر ۾ حقن حاصل ڪرڻ جو پيغام پهچايو آهي؟“

”ڪهڙو پيغام؟“ پڇيم.

”پنهنجي جائز حقن جو پيغام. غريب هارين ۽ مزدورن جي پٽن جي نوڪريءَ بنا رلڻ ۽ پٽڪڻ جو پيغام. ڇا توهان فوج ۾ وڃڻ جي قابل ناهيو؟“ چيو هئائين ”مون سنڌي جوڌا ڏنا آهن. ساماجي جهل واري نوڪريءَ دوران، مون ڪنهن به سنڌيءَ کي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسيءَ گهاٽ ۾ مايوس ڪونه ڏٺو هو. ڇا فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ توهان جو حق ناهي؟“ .

”پر ____“

اڌ ۾ ڪٽيائين ”پر ڪجهه ناهي. آخر هڪ ماڻهو سؤ ڄڻن جي وچ ۾ پاڻ کي ڌاريو نه سمجهندو ڇا؟ اڪيلو ويڳاڻو. ها هڪ رجمينٽ اهڙي ٺاهي وڃي جنهن ۾ پٽيوالي کان جنرل تائين سنڌي هجن. پوءِ ڏس سنڌي ڇو ڪو نه ٿا وڃن. اهو ممڪن آهي. انگريزن به ته هڪ اهڙي مسلمان رجمينٽ ٺاهي هئي.“

”جي ائين نٿو ڪيو وڃي ته پوءِ ضرور ان ۾ ڪنهن شڪ ۽ بي اعتباريءَ جو دخل آهي ۽ هڪ طبقي کي ٻئي طبقي مٿان شڪ جو ڪو حق حاصل نه آهي. آخر ائين ڇو؟“

”اسان فوج ۾ ڪوٽا وڌهي ورتي. ڪٿي ٢٥ سيڪڙو ٿي سهي.“ ڇيو هٿائين ”مان ڇاٽان ٿي جيڪو پنهنجو سر وڍي سوڪڙيءَ طور پيش ڪري سگهي ٿو، سو ڪڏهن بزدل ٿي نٿو سگهي. سنڌي سر وڍي سوڪڙي ڏيڻ وارا آهن.“

مان اڄ ساڳين روڊن تي اڪيلو وڃي رهيو هوس. پدما نه هئي. پدما جا خيال هئا. ۽ مان هن جي خيالن ۾ وڃي رهيو هوس، ڇڻ هوءَ مون سان گڏ پاڻ هجي.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۵

مان ڊيما جي گهر ويٺو رهيس. ڊيما ٿڪايو ڏٺو
پيو ته پدما مون سان هنجي گهر ۾ ملڻ چاهيندي.

"ماڻهو زنده ڇو ٿو رهي؟" ڊيما مون کان پڇيو.

"ڊيما، توکي پڪ آهي، پدما هتي ايندي." چيم.

"شايد اوچتو ڪم ٿي پيو هجيس" ڊيما ورائيو.

"گهڙي ڪن مون سان ويهي ڳالهائيندين ته چا
ٿي پوندو. مان ڪيترن ڏينهن کان سوچيندي هيس ته
تون مون وٽ اچين. اچ آيو آهين ته بيزار ٿو ٿئين."

"پر-" چوڻ چاهيم.

هن سنهنجي جملي کي ڪٽيندي چيو "سڀ ڪجهه
ٺيڪ آهي. تون ڪجهه منجهيل ٿو ڏسجين."

"مان ٺيڪ آهيان." چيم.

پنهنجي هٿ جي ترِيءَ تي پنهنجو ڳٽو رکي
مون ڏي تڪيندي چيائين

"پدما نه، اسان زنده ڇو ٿا رهڻ چاهيون."

"مان مارڪ، ليوڪ (Mark, Luke) ۽ موسي
(John and Matheus) روحاني ڪونه آهيان. نه وري
جان ۽ ميٿيوز" ڪيس چيم

"توکي خبر ناهي، پوءِ به چاهين ٿو ته زنده رهين"
هن پنهنجي آڱرين کي ڇڪائي ڏٺو "مان نٿي چاهيان ته
مان زنده ڇو آهيان."

"ٿي سگهي ٿو ان لاءِ، جو تون ڪنهن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پسند ڪندي هجين، جيڪو تنهنجي زنده رهڻ جو سبب بڻيل هجي“ نه چاهيندي به چيم.

هوءَ مرڪي. ”مون کي چاڪليٽ پسند آهي.“ چيائين. ”تون به منهنجي لاءِ چاڪليٽ آهين.“

هن وري پنهنجي هٿ جي آڱرين کي ڏنو ۽ سندس چهري تي ڏک جو تاثر ظاهر ٿيو.

”جڏهن ننڍي هيس، خدا ۾ بي انتها يقين هو ۽ دل ۾ بي يقينيءَ جو خوف.“ هوءَ چوڻ لڳي“ اهو يقين ڏاڍو عجيب هو. هر گهڙيءَ، هر پل خدا جي طرف جهڪڻ جي تقاضا هئي. ان وقت لڳندو هيم مون کي زنده رهڻو آهي ۽ زنده رهڻ اڻ ـ ٽر ضرورت محسوس ٿيندي هيم؟!

”.منهنجي خيال ۾ تنهنجي اندر مونجهارو اهو پيدا ٿيو آهي“ چيم ”ته تنهنجو جيئرو رهڻ تنهنجي مٿان ٿاڦيو ويو آهي. نهيل نڪيل. مٿان آسمان، بهشت ۽ جهنم طرفان. حقيقت ۾ تون زندگيءَ کان بي خبر آهين. ائين نه؟“

”پر جيڪڏهن اسان زنده رهڻ جو سبب ڇائي ٿا وڃون ته پوءِ به اسان ان ۾ يقين نٿا رکون ته ڪو اسان انهيءَ لاءِ ئي زنده آهيون“ چيائين ”اهو ته هڪ ڌوڪو آهي. پاڻ سان ڌوڪو.“

”حقيقت ۾ زندگيءَ کي دلچسپ بڻائڻ لاءِ مٿي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچن ضروري ٿو ٿئي. جيئن لفٽ ۾ هڪ فلور لاءِ ستن فلور تي، ٻوءِ ٽين فلور تي. هڪ فلور ان لاءِ آهي جو انهيءَ مٿان ٻيو فلور آهي.“ هن مشڪندي چيو
”سو جڏهن تون هڪ پيرو چوٽيءَ تي ٿو پهچين ته هر شيءِ ٽڪرا ٽڪر ٿي لڳي. ڇا اهو عجيب نٿو لڳي، هيٺان کان مٿي چڙهندي چڙهندي جڏهن آخري حد تي پهچجي ته ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃجي.“

”ديپا پدما ڇو ڪونه آئي.“ پڇيم ”هاڻي ته گهڻي دير ٿي وئي آهي.“

”مون مان بيزار آهين ڇا.“ پڇيائين ”مان خوش آهيان، تون مون وٽ آهين، منهنجي گهر ۾.“

”اصل ۾ پدما کي هتي اچڻو ئي ڪو نه هو.“ مشڪي مون کي ڏنائين ”مون توکي پنهنجي گهر اچڻ جي بهاني پدما جو ڪوڙو نياپو ڏنو هو.“

هوءَ منهنجي ويجهو ٿي ويٺي. ايترو ويجهو جو مون کي پاڻ وڃائبو محسوس ٿيڻ لڳو. منهنجي اندر ٽڌو ساهه اپريو، پر روڪي ويس. منهنجي ڪلهي سان پنهنجو ڪنڌ لائيندي چيائين

”مختيار، تون سنڌ موٽي ويندين؟“

”هتي ڪي ڪوٽ اڏڻا اٿم.“ چيم ”نه وڃان ڇا؟“

هوءَ سري آئي.

”اڪيلو ويندين؟“

”نه“ چيم ”ٻه ٽي جهاز ڪٺي ويندس.“

”خالي“ جهڙين

”تون ملين ته ڏني هلاڻ“، چيم.

”تون ڪاٿي وڃي هلندين.“ نماڻو جواب ڏنائين

هنجي اکين ۾ پيار جو رنگ پڌرو ٿي بيٺو ۽ مون پنهنجي اندر ڪيس پنهنجي ٻانهن ۾ قابو ڪرڻ جي شدت محسوس ڪئي. خيال اڀريو، هن کي پنهنجي دل جي تهه خاني ۾ لڪائي ڇڏيان. چاهڻ جي باوجود، اندر ۾ اڻ ڄاڻ خوف جو احساس حاوي هو. مون هنجي اکين ۾ ڏٺو. هوءَ مرڪي ۽ منهنجي سيني تي ڍلي ٿي آهلي پئي. ڏوهه جي ڪٿهڙي ۾ بيهندي، مون پنهنجا چپ هن جي مٿان رکيا. هن جون ٻانهون سنهڙ جي ڳچيءَ ۾ قابو ٿي ويون. دل جي حرڪت هڪ گهڙيءَ لاءِ بند محسوس ڪيم ۽ تڪڙ ۾ هن جون ٻانهون پنهنجي ڳچيءَ مان ڇڪي ڪڍي هن ڪان ٿورو پري سري ويس. اکين کي پوري ڇڏيم.

لڳم پدما منهنجي اڳيان بيٺي مشڪي رهي هئي. نرڙ تي پگهر اچي ويو ۽ جسم پگهر ۾ شل ٿيندو محسوس ڪيم. منهنجي چاهنا، منهنجي اڳيان دم ٽوڙي وئي.

O ”پڌو اٿم، بنگال جو حسن هٿ ڪيو ٿي.“ اقبال چيو. اقبال، پونم ڪان پڇي، قصور جي هڪ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ورتي هئي. مون کي



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”خالي“ چئي ٿين.
”تون علين ته ڏني علانءِ“ چيم.
”تون ڪاڻي وني علنديون.“ نماڻو جواب ڏنئين
هنجي اکين ۾ پيار جو رنگ پڌرو ٿي بيٺو ۽ مون
پنهنجي اندر ڪيس پنهنجي ٻانهن ۾ قابو ڪرڻ جي
شدت محسوس ڪئي. خيال ايريو، هن کي پنهنجي دل
جي تهه خاني ۾ لڪائي ڇڏيان. چاهڻ جي باوجود،
اندر ۾ ان چاڻ خوف جو احساس حاوي هو. مون
هنجي اکين ۾ ڏٺو. هوءَ مرڪي ۽ منهنجي سيني تي
ڌلي تي آهلي پئي. ڏوهه جي ڪتهڙي ۾ بيهندي، مون
پنهنجا چپ هن جي متان رکيا. هن جون ٻانهون سمر
جي گچيءَ ۾ قابو تي ويون. دل جي حرڪت هڪ
گهڙيءَ لاءِ بند محسوس ڪيم ۽ تڪڙ ۾ هن جون
ٻانهون پنهنجي ڳچيءَ مان ڇڪي ڪڍي هن ڪان
تورو پري سري ويس. اکين کي پوري ڇڏيم.
لڳم پدما منهنجي اکيان بيٺي مشڪي رهي هئي.
نرڙ تي پگهر اچي ويو ۽ جسم پگهر ۾ شل ٿيندو
محسوس ڪيم. منهنجي چاهنا، منهنجي اکيـن دم
توڙي وئي.

O ”پڌو اٿم، بنگال جو حسن هٿ ڪيو ٿـي.“
اقبال چيو. اقبال، پونم ڪان پڇي، قصور جي هڪ
چوڪريءَ سان شادي ڪري ورتي هئي. مون کي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

...ڙيءَ ھي خوشيءَ ۾ گھر اچڻ لاءِ چيو ھئائين. ...ن
...ر ھي گھر وٺو ھوس سندس ڪنوار اڳيان ھئي.
”تھنجا ڀاڳ نرالا آھن.“ اقبال پنھنجي ڪنوار
...ي ڏسندي مون کي چيو. ”ٻئو اھم، شادي ڪري
...ڏڪي ويندس.“
”ھا“ مختصر ورانيم.
اقبال پنھنجيءَ ڪنوار کي مشڪي چيو ”شھناز،
مون سچ چيو ھونه.“
ھوءَ چپ رھي. زڳو چپن تي مرڪ آندائين.
”ھلندءَ سھي؟“ اقبال وري پڇيو.
”نه ھلي ته مان رھي پوندس.“ ڪيس چيم.
”چونه ھلندس“ شھناز ڳالھايو“ بڪٽيءَ ...ڳالھ
کي بيو ڇا ڪھي.“
منھنجي جسم ۾ سيون ڇڀي ويون.
”اڳتي ھڪ لفظ به نه.“ چيم ”ھوءَ بڪي آھي
...ا مان، اھو مسئلو اسان جو آھي.“
اقبال جي چھري تي جڏھن عيد ھارجي ڏٺي ته
شھناز جي منھن ۾ گھنڊ پنجي ڏيو. اقبال سگريٽ دکايو
... سونو ھٿندي ڦڪيءَ ڪل سان چيائين
”يار مذاق ٿا پيا ڪريون. دل ۾ نه ڪجانءِ.“
چيائين ”لاھور اچين ته اسان کي منھن ضرور ڏيکارجان“
ھٿ ڪان جڏھن موڪلائي نڪتس ته ٻاھر زوم...ل
... آھي. واپس ڪٿي آيس ته اقبال پنھنجيءَ ڪنوار کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چئي رهيو هو.

”هن سنڌيءَ کي به بنگالين واري آهڪڙ آهي. ڪوڙو بدمعاش هڪ گوليءَ سان ئي ڪُٽي ويندو.“

اقبال چئي رهيو هو ”اٿن ڪهڙي طاقت، جنهن تي سيٽجن ٿا. فوج ۾ هڪ به ڪونه اٿن. ڪڏهن پاڻ ئي مٿي مان هوا نڪري ويندن.“

پنهنجي فليٽ ۾ گهڙيس ته در کليل هو ۽ اندر ڪمري ۾ عجيب آواز ٿي آيو. ڪنايم. لڳم ٻليءَ جو آواز آهي. چوڌاري نظر ڦيرايم. ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. اندرين ڪمري ۾ پهتس ته پلنگ تي ماٺهو نظر آيم. هيٺ سينڊل پيو هو. سمجهه ۾ نه آيم ته ڪير ٿي سڳهي ٿي. آواز هن جي ڪونگهرن جو هو. گهڙيءَ لاءِ بيٺو رهيس. سنڌس هڪ پاٺهن سيرانديءَ کان هيٺ لڙڪي رهي هئي ۽ گوڏا اڀا هيس. مٿان پيل چادر لاهي ڏٺم ته پونم هئي.

سڏ ڪيومانس. ڪلهي کان ورني ڌوڏيومانس، جواب نه آيو. سنڌس وات پنيل ۽ مٺيون پيڪوڙيل هيون. ساهه اٽڪي ٿي نڪتس چڙ نڙيءَ ۾ ڪا شيءِ ڦاٿل هجيس. چيڪيومانس ته وڪڙجي سڪڙجي هيٺ ڪري پئي. مٿي ڪٽڻ جي ڪيم. هنجي چهري جو رنگ بدليل هو. ائين لڳم چڻ پنجاهه سالن جي پوڙهي هجي. هن جو جوين ڪومايل نظر آيو. هنجي ساهه جي غرغر منهنجي جان مان درڙي ڪيدي ڇڏي.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٽ ڏني اٿارن جي ڪٿي مانس ته سندس مٿو لاٿون،
جيئان ڦري آيو. سندي ڳل منهنجي ٻانهن سان لڳو ته
محسوس ٿيم، ڪو ٿانڊو لڳو. مان هـن کي اتي ئـي
ڇڏي ٽڪرو ٻاهر نڪري آيس. هيٺ ٽانگي واري کي
بيهاري مٿي چڙهي آيس ته جيئن ڊاڪٽر ڏي ڪٺائـي
وڃانس. موٽي آيس ته پٺ تي ڪاغذ جي ٽڪري تي
نظر پيم.

لکيل اکرن جي مس پگهر ۾ وترڙيل هئي. ڪوشش
ڪري پڙهڻ ويٺس.

پونم ، مان اڄ رات سيالڪوٽ وڃـي رهـيو
آهيان. تنهنجي لاء پنج سوَ رپيا بئنڪ ۾ ڇڏيون ٿـو
وڃان. تون چاهين ته اهي پيسا ٻار ڪيرائڻ (Abortion)
تي خرچ ڪرين يا پنهنجي دم تي. مان توکي هميشه
ياد رکندس.

اقبال ـــــ

جيترو وقت اقبال اتي رهيو، پونم کـي ڪوڙن
دلاسن تـي رکيائين ۽ هاڻي پنهنجي گناهن جي قيمت
پنج سو روپيا لڳائي وڃي رهيو هو. ڄڻ عورت جـي
عزت نه هئي، مارڪيٽ جي شيء هئي.

ٽانگي وارو پرسان بيٺو رهيو. منهنجي چهري تي
خوف ۽ ڪاوڙ ڏسي، هو ويچارو به پريشان ٿـي ويو.
مان سڄو ـــــ ڏڪي رهيو هوس. پنهنجي ٻـانهن ۾
ڪٿي اچي ٽانگي ۾ رکيومانس. هيٺ ماٺهو هئا. سڀ ڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن سوال ڪري رهيا هئا. پريان عليءَ کي ڏٺم. سندس ڪيومانس. مون پاڻ چاهيو ٿي، ڪو مون ساڻ هجي. ايڏو وڏو بوجهه اڪيلي سر کڻي هلڻ منهنجي وس کان ٻاهر هو. علي مليو، ڄڻ وڏو سهارو ملي ويو.

"بيمار آهي." عليءَ کي چيم "اسپتال هلڻو پوندو." "هل" چيائين.

عليءَ پونم کي ٽانگي مان لاٿو ته سندس وات مان گگ ٿي وهي. عليءَ جي قميص پرجي پئي. اسان ايمرجنسي وارڊ ۾ آياسين ۽ مان تڪڙو ڊيوٽي نرس ڏي ڀڄس. هوءَ اخبار پڙهي رهي هئي. پنهنجي پريشاني لڪائڻ جي ڪندي چيومانس

"ايمرجنسي آهي. جلدي ۾ ڊاڪٽر کي گهرائي وٺندا."

هن اکيون مٿي کيون ۽ مون تي نظر وڌائين.

"ڇا آهي." پڇيائين. سندس لهجو ٺيٺ پنجابي هو.

"تنهنجي گهر واري آهي؟"

"هوءَ مري رهي آهي." چيومانس. "توهان مهرباني ڪري ڊاڪٽر کي سڏي وٺو."

هن بيزاريءَ مان رسيور کنيو ۽ نمبر ڊائل ڪري ڊاڪٽر سان ڳالهايو. ائين لڳم. جي هو هڪ گهڙيءَ ۾ نه آيو ته ٻيءَ گهڙيءَ مان آس پاس جون سڀ شيون ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ شروع ڪندس.

ڊاڪٽر آيو. هو اڳ ۾ ئي منهنجو ۽ عليءَ جو واقف هو. "خير ته آهي" چيائين.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇوڪري آندي آهي“ چيومانس ”منهنجي خيال ۾ ان ڪجهه کاڌو آهي.“

ان مون کي ڏٺو. ”ڇا مطلب؟“

”ٿي سگهي ٿو ڪا زهر وغيره“ چيم ”اڌ ڪلاڪ کان هوءَ بيهوش آهي.“

علي منهن پاسيرو ڪيون بيٺو رهيو. هن جون اکيون ۽ مون جهڙان پونم جي اها حالت ڏسي ٻيهڙي ايون هيون. هو ۽ مون جهڙان اداس ۽ پريشان ٿي لڳو. آخر ۽ انسان هو. ڊاڪٽر ڪنڌ مٿي ڪئي مونکي چيو.

”سمجهان ٿو اسپرو يا ننڊ جون گوريون کاڌيون اٿائين.“

”ڊاڪٽر صاحب، ٺيڪ ته ٿي ويندي نه؟ علي ۽ جيس ”ڪهڙي خبر“ چيائين ”توهان اتي ترسو.“

ڊاڪٽر، پونم کي اسٽريچر تي ڪٽائي وارڊ ۾ هليو ويو. چڱي دير گذري وئي. مان ٻاهر نڪري فون ورتو ۽ موٽي علي ۽ وٽ آيس. منهنجا پسير پيش ايندڙ خطري کان ڳورا ٿي لڳا ۽ پانيم پٽي، ڌاڙجي ڪري پوندس. ڊاڪٽر موٽي آيو ته پهريائين ڊيوٽي نرس کي ڪجهه چيائين پوءِ مون کي اچڻ جو اشارو ڪيائين. منهنجي ۽ دل ۾ ڌڪ لڳو. مان هنجي پويان ويس. هو مونکي پنهنجي ۽ آفيس ۾ وٺي هليو. دروازو بند ڪري ڪرسي ۽ تي ويٺو. مان به ويهي رهيس. دل ۾ آيو ته جيڪر ڊاڪٽر ڪجهه نه ڳالهائي. مون مايوسي ۽ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڳالهه ٻڌڻ کان ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ ڄاڻيم ته اسان ٻنهي جا ٻئي ڳالهائڻ جي انهن ماڻ ۾ ويٺا رهيون.
”ڇوڪريءَ جو نالو ۽ ائڊريس ڇا آهي؟“
ڊاڪٽر هڪ فارم ڀريندي چيو.
نالو ۽ پتو ٻڌايومانس.
”ننڍ جون گوريون کاڌيون اٿائين.“ ڊاڪٽر چيو.
”سڀاڻي تائين ٺيڪ ٿي ويندي.“
منهنجو ساهه سنوت ۾ آيو.
”توکي خبر آهي، هوءَ پيٽ سان آهي“ ٻڌايائين
”ها“ وراڻيم.
”گهڻا مهينا اٿس؟“
”شايد چار مهينا“ چيم
”پر ڊاڪٽر صاحب، هن اهو ڪم ان لاءِ ڪيو ته هوءَ کو پيٽ سان هئي.“ چيم.
هن کو جواب نه ڏنو. فارم ڀريندو رهيو.
”ٻار مون مان ڪونه اٿس. مان ته هن جو رکو سڄاڻو آهيان.“ چوندو رهيم. پر ڊاڪٽر جو منهنجيءَ ڳالهه ڏي ڌيان ئي ڪونه هو.
”توکي خبر آهي، اسان اهڙن معاملن ۾ پوليس کي اطلاع ڏيڻ ضروري سمجهندا آهيون.“ ڊاڪٽر چيو.
مون تڪڙ ۾ چيو ”ائين نه ڪجو. مون سان هي هڪ اتفاق ٿيو آهي.“
”هميشه ائين چئبو آهي.“ چيائين.



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پاڻ کي چار ڀيرا ڦاسندو محسوس ڪيو.

”هن جو مڱيندو هن کي ڇڏي ويو“ چيم ”اهڙو خط به موجود آهي.“

”تون اهو پيش ڪري سگهين ٿو.“

”بلڪل“ ورائيم. هو مشڪيو.

”جيڪو مون کان ٿي سگهندو، سو ڪندس.“ چيائين ”تون بي فڪر ٿي. پرواه ناهي. پاڻ به آهيون، پر پهريون اهڙو اطلاع ڏيندو ڪر. مان هن حد تائين نه ڳالهه کي پهچائڻ ني ڪونه ڏيان. مان مهيني لاءِ لاهور پيو وڃان، ان وچ ۾ ڪو ڪيس ٿئي ته ڊاڪٽر حبيب يا ليڊي ڊاڪٽر فريده سان تعلق ۾ رهجانء. هو بئي پنهنجا آهن.“

ڊاڪٽر کي اعتبار نه هو ته مان ان گناهه جو ذميوار هوس.” بئه آئينده اسپتال ۾ آڻي مفت ۾ خوار ٿيڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. اهو ڪم گهر ۾ به ٿي سگهي ٿو.“ ڊاڪٽر چيو.

ٻاهر آيس ته نرس ٻيءَ نرس کي چئي رهي هئي

”ڏس نه چئن مهينن جي پيٽ واريءَ کي هتي اسپتال ڪٺي آيو آهي.“ ۽ ٺهڪ ڏنائين ”الائي ڇا لڌو اٿائون هنن ڪارين بڇڙين بنگالڻين ۾.“

منهنجي اندر ۾ ڄڻ ڪا شيءِ پورا پورا ٿي پئي. منهنجي اکين آڏو عنبرين جو چهرو ڦري آيو. هوءَ سرگودا جي هئي. ۽ مون کي پدما ۽ ڪملا جا مهڻا ڏيندي هئي.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇا ٿيو؟“ عليءَ پڇيو

”سڀاڻي تائين ٺيڪ ٿي ويندي.“ ورائيم.

”ڊاڪٽر، اسان هن کي ڏسي سگهون ٿا.“

”پر رڳو ٻن منٽن لاءِ.“

هوءَ ڪجهه سڌيريءَ ۾ هئي. مون کي سڃاڻي، منهنجي هٿ کان ورتائين ۽ مشڪي.

”معاف ڪجانءِ. مون هروقت توکي ٿي تڪليف ۾ وڌو آهي.“ جهيڻي آواز ۾ چيائين

”ڪا ڳالهه ناهي.“ چيم ”گهڻو نه سوچ. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

”مون هي ڪم ڪيو ته سهي، پر پوءِ ڊڄي ويس“ چيائين ”سمجهه ۾ نٿي آيو، هاڻي ڇا ڪريان.“ هوءَ چوڻ لڳي

”تون گهڻو نه سوچ.“ چيم.

”پر هو حرامزادو ـــــ“ چوڻ چاهيائين.

”تون آرام ڪر. اهي ڳالهيون پوءِ.“ ڪيس ڪلهي تي ٿڦڪي هڻي دلداري ڏيندي چيم ”تون ٺيڪ آهين. ماڻ وري سڀاڻي صبح جو ايندس. تون ڪا به ڳڻتي نه ڪر.“

Q شام جا پاڇا لڙي چڪا هئا. ٽڪرو ٽڪرو پنهنجي فليٽ تي پهتس. ماڻهو مونکي چڀندڙ نظرن سان گهوري رهيا هئا. اڳيم، سيٺي جون تيز نظرون منهنجي

جسم ۾ سوراخ ڪري ڇڏيندبون. ٽڪرو ڏاڪڻ چڙهڻ لڳس. وچ تي ڇوڪرو مليم. پڇيائين - ميڊم ليڪ ٽي وٽي صاحب ـ ۾ مشڪيو. مان بنا جواب جي ڏاڪا چڙهي آيس. فليٽ جي ڪوريڊار ۾ ٻه عورتون ويٺيون هيون. مون ڪي ڏسي، ڪنڌ ڦيري مشڪڻ لڳيون. جنهن ٻه ٽي ڏنو، گهورڻ تي لڳو.

مان بستري تي ليٽي پيس. حقيقت، منهنجي اکيان ننگو لاش هئي. پونم جي عزت ننگي لاش جيان منهن جي اکيان نچي رهي هئي. منهنجون رڳون، سينجي، ڏيون ٽينديون تي رهيون. جسم گرم ٽيندو ويو. مٿو باهه ٻرڻ لڳو. پاڻ کي اپيءَ ٽڪري تي چڙهندو محسوس ڪيم. ائين لڳم، چوٽيءَ تي پهچڻ کان اڳ ۾ ٺي منهنجي پڪڙ ڍلي ٿي ويندي. پير ڇڏائجي ويندا ۽ مان هيٺ ڪري پوندس. پورا پورا ٿي ويندس. پونم جي عزت جيئان.

پگهر جا ڦڙا، نرڙ تان هيٺ لهندا، اکين ۾ اچي پيا. اکيون ڪُرَڻ لڳيون. اگهڻ جي دل ٿي نٿي ٿي. چاهيم پئي مون کي تمام گهڻو ايذاء ملي. ايترو ايذاءُ جو مان سوچڻ جي حس کان محروم ٿي وڃان. الماڙيءَ مان وسڪي ڪڍي، هڪيئي مٿان ٽي گلاس ڀي ويم. اندر ۾ چڪ پيو ۽ الٽي آئي. اونڌي منهن، بستري تي ليٽي پيس. مونجهه کان ساهه ٿي نڪتو.

سوچيم. آخر ائين ڇو ٿو ٿئي. هـر ڪنهن جي

سوچ جون ڪنڊون هڪ ٻئي کان مختلف ڇو آهن؟ انهن ٻئي سوچ جي ڪنڊن جو فرق ڪمپاس جو فرق ٿو بڻجي. آخر ڇو؟

منهنجي دل ۾ ديبا جي چاهت جي سٽ اڀري آئي. سوچيم، اچي نه ٻـاڪر ۾ ڪري، هنجو ڏک پنهنجو ڏک سمجهي، روئي ويهندس. مٿو ڦرڻ لڳم. ۽ پنهنجا ڳوڙها، پاڻ پيئندو رهيس.

هنڌ تي پئي ڇڻ عذاب محسوس ٿيو. اٿي ڪري ڪرسيءَ تي ويٺس. منهنجو ذهن خيـالن جـو ڇوواٽو بڻجي ويو. پونم جي حالت، اکين اڳيان هئي. خوف، پريشاني، ٿوڪو. سپاٽي پونم نيڪ ٿي ويندي. خـيال آيو. ٻر هن جي دل جا زخم ٺيڪ ٿيندا؟ تنهن لاءِ ڇا ٿو ڇئي سگهجي. پوءِ مان ٻڌجي ويس پونم جو آواز ڪنن ۾ ڦرڻ لڳو. ڇا اسان سڀ ٻڌل نه آهيون؟

ٻاهر گولين ۽ ٺٺڪن جو ڌماڪو هو. منهنجي اندر خوف جي لهر ڊوڙي وئي. بلب ٻـارڻ جي همت ئي ڪونه هئي. دريءَ مان ٻاهر نهاريم. ٻاهر بارود جي ڌپ هئي. واچ ۾ ڏٺم. رات جا ٻارنهن ٿيـا هئا. ٢٥ تيءِ، ٢٦ جي رات داخل ٿـي چڪي هئـي. ٢٥ جي رات، ٢٦ جي رات کان موڪلائي رهي هئي. چوڌاري ڌماڪ هئا. لڳم، مان ڇڻ جنگ جي وچ ميدان ۾ ويٺو آهيان.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ١١

صبح جو ننڊ مان اٿيس ته جسم جون سڀ رڳون ڇوخ محسوس ٿيم. ٽرڙتي مٿان رڳو دونهون هو. سپاهي مست هاٿيءَ جيئان روڊن ۽ گهٽين ۾ ڦري رهيا هئا. سڄ مٿي چڙهندو رهيو. منهنجي سمجھ ۾ ڪجھ نٿي آيو. ڪنهن سان ملڻ جي همت ڪونه هئي. ماڻهو نه رمين ڳهرجي. فوجي جنرل اعلان ڪري چڪو هو. پدما کي ڪهڙو جواب ڏيندس. ڪملا کي ڇا چوندس بونم جي دل ۾ ڇا هوندو. ڇا مان مغربي پاڪستان جو نه هوس. آخر مون وٽ ڪهڙو جواب هو. مان ويٺو رهيس، اٿين جيئڻ ڪو اڪيلو ٻار پنهنجيءَ ماءُ جي لاش مٿان ويٺو رهي. اڪيلو ماڻهو، هزارين لاش ۽ هزارين لڇندڙ جانيون ڏسي رهيو هوس.

چٽاگام ريڊيو اسٽيشن تان توبن جي گولين ۽ رائفلن جي آوازن وچ مان هڪ باغي آواز فضا ۾ پهچي چڪو هو ’شيخ مجيب الرحمان، بنگلا ديش جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو آهي. مان ميجر ضياءُالرحمان هن جي حڪم موجب، اهو اعلان عوام تائين پهچائي رهيو آهيان‘

منهنجي دل هزارين وسوسن ۽ خيالن هيٺ دٻجي وئي. اڄ پورو مهينو گذري چڪو هو، جو پدما ۽ ڪملا جي ڪا خبر نه هيم. نه وري مون ٿي ٿي چاهيو، نه هو هن حالت ۾ مون وٽ اچن. مون پاڻ کي ڏوهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

بي محسوس ڪيو. وچ ۾ هڪ پيرو ڏيڍا آئسي هئي.
ڏسڻ جي سهاجهڙي، هميشه چپن تي مرڪ ڪئي هلڻ
واري پشيمفسٽ ڏيڍا.

”ڇا پيو سوچين؟“ مون کي خيالن ۾ ٻڌل ڏسي
پڇيو هيائين

”سوچيان ٿو هن پنيٽ جو ڇا ٿيندو، جيڪو
ٻري پيو آهي.“

”ڇا، جنگ لاءِ ٿو سوچين؟“ پڇيو هئائين

”ها“ وراڻيم.

هن منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيو هو
”ڇا تو منهنجي لاءِ ڪڏهن نه سوچيو آهي؟“

”مون جڏهن ٻه وار [جنگ] لاءِ سوچيو آهي،
تو کي ضرور ياد ڪيو اٿم.“ هنجي اکين ۾ نهاريندي
چيو هيم ”تون امن آهين“.

”تون هتان هليو وڃين، يا ڪنهن گوليءَ يـ
هنگامي ۾ مري پئين، منهنجي لاءِ ٻئي ڳالهيون ڏاڍيون
ڏکيون ٿينديون.“ چيو هيائين ” آخر هيءَ ويڙهاند ٿئي
ڇوٿي مختيار.“

”اهو پاڻ ڪان پڇ. پنهنجي امن ڪان پڇ“ وراڻيو هيم ”جڏهن
هڪ آقا، پيو غلام ٿئي ٿو ته رت ـــ ضرور وهي ٿي.“

”مان زندگيءَ جي پوڇارڻ ناهيان.“ چيو هيائين.

”پر جيئڻ جو حق سڀ کي آهي. اهو حق زوري ڇو
تو کسيو وڃي. زندگي هن ڪائنات جي علامت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوءِ هن ڪائنات کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڇونه ڪئي وڃي؟“
مان چپ رهيو هوس.
”مون کي جيئڻ جو حق آهي، تون جيئڻ چاهين ٿو. ڪنهن ٻئي کي به ساڳيو جيئڻ جو حق آهي.“
چيو هئائين ”هڪ زنده ڪِوِل، مثل ماڻهوءَ کان وڌيڪ آهي. ڇو ته اها ڪائنات جي علامت رهي ٿي. ڌرتيءَ تي زنده شيءِ ان کان بهتر آهي، جيڪا آسمان جي بلندي تائين اوچي هجي، پر زنده نه هجي.“
”سمجهان ٿو، تو ۾“ هنگامي حالتن سان منهن ڏيڻ جو ذرو به حوصلو ڪونهي.“ چيو هيو مانس
”پر مختيار مان توکي ڪنهن به صورت ۾ مڙده ڏسڻ نه چاهيندس.“ چيو مانس.
هڪ ڏينهن ڪملا کي ديبا جي اهڙين ئي ڳالهين تي غصو اچي ويو هو. تيبي ڳاڙهي ٿي وئي هئي.
”ديبا، ڇا تون چاهين ٿي، غريبن جو استحصال ٿيندو رهي. عورتن جي عزت لٽبي رهي. آخر ڀلا ء ته سهي، تنهنجي اها امن پسندي چاهي ٿي ته غلامي هڪ نسل کان ٻئي ڏانهن منتقل ٿيندي رهي. ۽ تون چاهين ٿي ته اها غلامي هميشه لاءِ هڪ ئي نسل جي ميراث بڻي رهي.“
”موت کي قبول ڪرڻ جو هڪ وڏو ۽ سڀ کان سٺو سبب آهي ۽ اهو آهي زندگيءَ کي ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

معنيٰ ڏين.“ ڪملا جوش ۾ چئي رهي هئي. ”پنهنجو امن پلان تائين رک.“

هڪ ڏينهن هن مون سان به ڪاوڙ ڪئي هئي.

”مان ڪجهه ڪونه آهيان.“ چيو هيم.

”انهيءَ ڪري جو تون نه بورجوا طبقي مان آهين ۽ نه وري مزدور طبقي مان. تون انهيءَ وچين طبقي مان آهين، جيڪو ڪجهه آهي ئي ڪونه.“ ڪملا چيو هو. ”اهو وچون طبقو حقن حاصل ڪرڻ جو نعرو هڻي، سمهي پوندو آهي. چوته هن کي حق کسجڻ واري زهر ته ملي ئي ڪونه آهي. هن رڳو اهو نالو ٻڌو آهي.“

O ٦٥ ڏينهن گذري چڪا هئا. پورو بنگال اوندهه ۾ هو. غدار مري رهيا هئا. پوءِ به ماڻهن ۾ جوش هو. نفرت جي ديوار وڌي ئي وڌيڪ اڀي ٿيندي.

اڄ جيئن ئي پدما ڪمري ۾ داخل ٿي ته منهن هٿن ۾ ڏئي سڏڪن ۾ پئجي وئي. مون هن کي جوش ۾ ته ڏٺو هو پر روئيندي اصل ٻار وانگي روئيندي اڄ ڏسي رهيو هوس.

”مختيار— مختيار—“ هن جا سڏڪا بي قابو هئا ”اڄ ڪملا ۽ ديبا جي گهرن ۾ به آپريشن ٿيو.“ هوءَ سڏڪن ۾ هئي ”خبر ٿي چا ٿيو.“

مان مات رهيس. ڳالهائڻ جي همت ڪونه هيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

"توکي سڀ خبر آهي." چيائين.

مان پنهنجي ڳوڙهن کي روڪي نه سگهيس.

"مختيار، ڪملا عزت لتاڙجڻ کان پهريون ئي پاڻ کي شوٽ ڪري ڇڏيو." ۽ وڏو سڏڪو ڀريائين "۽ ديپا، ويچاري امن پرست، پنهنجي عزت لٽائي ويٺي ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ ننڍڙي ڀاءُ کي سنگينن سان چيرجندي ڏٺائين."

مان سچو ڏڪي ويس.

"هوءَ اسپتال ۾ آهي. پر هوءَ مري ويندي، جيئن ٻيون ڪيتريون اڳ ۾ مري چڪيون آهن." هوءَ روئيندي رهي.

جسم ڪنبڻ لڳم. ديپا جي مرڪ منهنجي اکين ۾ هئي. اکيون پوري ڇڏيم. خبر هيم ته پدما کهڙو جواب ڏيندي، پوءِ به ٽڙڪندڙ دل سان پڇي ويٺس.

"حالت ڪيئن اٿس؟" آواز ڪنبي رهيو هيم.

"مشڪل سان رات جيئري رهي." پدما ورائيو.

اسپتال جي جنرل وارڊ ۾ ديپا بيهوش پئي هئي. ٻاهر اونداهيرو هو. اندر ۾ اونداهير لڳم. سندس هٿ، پنهنجي هٿ ۾ ڪري دل ۾ چيم 'صبح ٿيندو ديپا، صبح ٿيندو. تون امن پرست آهين ضرور صبح جي روشني ڏسندينءَ.'

مان ويٺو رهيس. پدما ويٺي رهي. اسان ڪي مان ۾ ويٺي پنج ڪلاڪ ٿي ويا ۽ ديپا جي بيهوشيءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ان کلاڪ ٻوڙو ٻسو ڦيرائيندي نه خوشيءَ سبب ٻهر ٻوڙي ڇڏيو. هن اکيون ٻوٽيون ۽ ڇت کي گهوري ڏٺو. ٻئي ڏينهن هوءَ ٺيڪ هئي.

”تون منهنجي لاءِ نينا آهين.“ مرڪي چيومانس.

”نينا ڪير؟“ پڇيائين.

”لينن گراڊ واري نينا.“ پدما ورائيو.

لينن گراڊ جي پسڪاريو قبرستان ۾ رکيو اهي ماڻهو دفن آهن، جيڪي نازي گهيري ۾ مري ويا هئا. اتي عجائب گهر ۾ هڪ ٻارنهن سالن جي ڇوڪريءَ نينا جي ڊائري رکيل آهي، جا پڻ انهيءَ قبرستان ۾ دفن آهي. ڊائريءَ ۾ لکيل آهي ته هن جي گهر جا سڀئي ڀاتي هڪ هڪ ٿي ڪيئن موت جو کاڄ بڻجي ويا. ڊائريءَ جي پڇاڙي، نينا جي هٿن اکرن سان آهي ”سڀ موت جو کاڄ بڻجي ويا آهن، رڳو مان ئي زنده آهيان.“

پر آخر ۾ هوءَ به مري وئي.

”پر تون زنده نينا هوندين.“ چيم.

واپسيءَ تي مان ملڪ هوس. پدما ملڪ هئي. انهن تي لڳو، اندر مان ڪو اهڙو طوفان ايري ايندو جو ان جي اٿل ۾ سڀ ڪجهه لڙهي ويندو. ظلم، ناحق ڪوڙ، ڌوڪو ۽ نوسر بازي.

”مختيار، بيٺڪيت سڙيل لاش بڻجي چڪي آهي“.

پدما آهستي ـــــ چيو ”اهو لاش، اسان کي ئي دفن ڪرڻ

لاءِ ڏنو ويندو.“

مان خاموش هوس. منهنجي ڪلهن تي اڳ ۾ئي پنهنجو لاش هو، جنهن کي کڻڻ منهنجي لاءِ مشڪل بڻجي ويو هو.

Q آگسٽ جو مهينو هو. شام جو ٻئي سان ڪار ۾ وڃي رهيو هيس. اڳيان هڪ عورت عينڪ سان، هڪ هٿ ڊاڪ تي رکيون پيارِي انداز ۾ ويٺي هئي. گاڏي ويجهي پهچڻ تي لفٽ وٺڻ جو اشارو ڪيائين. جيستائين اسان جي گاڏي رڪجي، پويان هڪ فوجي جيپ اچي بيٺي ۽ هوءَ مونکي ٽاٽا ڪندي وڃي ان ۾ ويٺي- منهنجيءَ دل بل کاڌو. سڃاتم، هوءَ ديبا هئي. گاڏي تيز ڪري پرسان پهتوماسن ته. وري هٿ ڪڍي سلام ڪيائين. مونکي پڪ ٿي. ويچارن ۽ مونجهارن جو چار ويڙهجي ويو. مون ٻئي کي گاڏي روڪڻ لاءِ چيو ۽ واٽ تي ئي لهي پيس-ان وقت روڊ مٿان هلڻ ائين هو جڻ پنهنجو پاڻ کي شڪاري ڪتن جي حوالي ڪرڻ. مون چاهيو ٿي مون سان ڪو حادثو پيش اچي ۽ مان فليٽ تي پهچي نه سگهان. الائي ڇو ديبا رنڊي ٿي وئي هئي. سا ٻــ انهن لاءِ جن هنجي سڄي خاندان کي هنجي اکين اڳيان ئي پورو ڪيو هو. ڇا هوءَ چري هئي يا منهنجو ذهن خراب ٿي چڪو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڄ کان ڏيڍ مهينو اڳ اڌ رات جو دروازو کڙڪيو هو. الائي ڪيترن ڏينهن کان منهنجي درتي کو آيو ئي ڪونہ هو. ڪملا مري چڪي هئي، پدما غائب ٿي وئي هئي ۽ ديبا ڇڏي وئي هئي. پوءِ ٻيو ڪير هوندو؟ سوچيو هيم.

دروازو کوليم تہ ديبا بيٺي هئي.

”مان هن وقت تمام پري ٿي وڃان.“ هن چيو هو ”تون —— مون کي هميشہ ياد رهندين.“

”اندر اچ“ چيومانس ”ٻہ ٿي منٽ تہ ويهہ.“

”نہ. مان ٻيٺي ٻير موٽي ويندس.“ هوءَ رڳو چانئٺ ٽپي هئي ”وقت ٿورو اٿم. سوچيم توکي ڏسندي وڃان. جيئري هوندس تہ وري ملندي سانءِ.“ ۽ منهن جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي، نرڙ تي چمي ڏئي چيائين ”هڪ ڳالهہ ياد رکجان؟. جي مون کي ياد رکڻ جي قابل سمجهين تہ.“ منهنجي اکين ۾ ڏنائين ”مان وڃان ٿي. جيستائين منهنجو وجود آهي، مان وڙهندس، ۽ ياد رکجانءِ، ڪڏهن ڪنهن ڌرتيءَ جي دشمن کي پنهنجو نہ ڪجانءِ ۽ نہ وري دشمن کي ڪڏهن وٺي ڏجانءِ. ڇڱو موڪلائي“

”ڇڱو موڪلائي.“ چيم.

هوءَ انهيءَ رات، رات جي تاريڪيءَ ۾ ٻاربر ٽپي هلي وئي ۽ وڃي مڪتي ٻاهنيءَ ۾ شامل ٿي. اها ديبا اڄ فوجي جيپ ۾ هار سينگار سان وڃي زهي هئي.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ننڊ ڪونه ٿي آئي دنيا جي شهن تان اعتبار وڃو ٿي ڪجهندو. رات جا لي ٽيا هئا جو در تي ڪڙڪو ٿيو. مان ڪنبي ويس. ويچارن جو سلسلو ٽٽي پيو.

در کوليم. ديبا سامهون بيٺي هئي.

”تون، هن وقت“ خشڪ نڙيءَ مان پهريون سوال نڪتو.

”ڇو، تو وٽ اچڻ جو مون لاءِ ڪو وقت مقرر آهي؟“ چيائين ”اندر اچڻ ڏي.“ ۽ هوءَ فليٽ ۾ گهڙي آئي.

”منهنجي لاءِ اجان به ڪي گهر آهن، جن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ، وقت جي پڇا ڪونه ڪرڻي پوندي آهي. تنهنجو گهر به انهن مان هڪ آهي.“

هوءَ منهنجي پلنگ تي آهلي پئي.

”اج ڏاڍو ٿڪ ٿيو اٿم.“ چيائين.”تو کي مان پنهنجي گناهن جي تصوير ڏيکارڻ آئي آهيان.“

۽ جڏهن هن پنهنجي گناهن جي تصوير ڏيکاري ته مان روئي ويٺس. ڏک مان نه، پيو مان نه، پر پڇتاءَ کان. روئي ويٺس، انهيءَ لاءِ ته اهي گناهه منهنجا هجن ها، منهنجي پيءُ جا هجن ها، منهنجي ماءُ جا هجن ها. هن جا گناهه ته اهي هئا، جن سان قومن جون تقديرون بدلجي وينديون آهن، جن سان زنجيرن جا ڪڙا ٽٽي پوندا آهن.

”مان بجو تنظيم ۾ آهيان، جيڪا نوجوان ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"مسٽر مولان کي ٻڌايو آهي." چيائين "انهن جي انهن

فرانسيسي مولان جو اهو سردار هو، جنهن ۾ هو سڀ

ڏاڍي فوجي سان بيٺل ۾ سپاهين [illegible] ماڻهن

لشڪر کان ٻاهر هيا."

"ڏاڍي خبر آهي خوش آهيان." چيائين.

مون ڪا ورندي ڪانه ڏني.

"مختيار، مون پنهنجو سور ماريو آهي ۽ اهڙي

وڏيري ماريندس. پنهنجي عزت پيش ڪندي، سڀ اڄ

رات ڌاري چوڪيدار فوجي آفيسر ماري چڪي آهي. ان

رات مون ڏاڍي ڏکي گذاري. تو لئي جو ڏک هيو ان

لاءِ دل ۾ تنهنجو خيال وڌيل هو. ڪيترا پيرا ٽٽ

ڏڪندو رهيو. سوچيم اڄ مختيار مون کي ناڪام ٻڌائيندو."

"جي ناڪام موٽان ها، ته توکي ماريان ها." ۽

تهڪ ڏنائين "مون کي اهو گناهه ڏاڍو لذيذ ٿو لڳي

۽ اهو گناهه مان ڪندي رهندس. پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ،

پنهنجي بنگال جي لٽيل عزت لاءِ."

"مختيار، امن لاءِ جنگ ضروري آهي." چيائين

"جي وڙهبو نه ته امن ڪونه ايندو. غلاميءَ ۾ امن

ڪڏهن به محفوظ نٿو رهي."

۽ هوءَ هلي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ١٦

هيءَ انهيءَ رات جي ڳالهه آهي، جنهن رات فضـ
معمول کان وڌيڪ ڏاٽيل هئي. هونئن تہ اهڙا واقعا
معمول بڻجي چڪا هئا. رات جو پوئين پهر، اوچتو هڪ
فوجي چوڪيءَ تي حملو ٿيو. مڪتي باهني وارا بـ
لاش ڪٽي ويا ۽ هن پاسي پنج لاش هئا، جن ۾ هڪ
ميجر جو هو.

رات جي پوئين پهر ۾ ئي در تي کڙڪو ٿيو.
در کوليم تہ پدما بيٺي هئي. هڪ پـل لاءِ دل ڇـو
ڌڙڪڻ ڇڏي ڏنو. هن ڪجهہ نہ ڳالهايو. پاڻ سان گڏ
هلڻ جو اشارو ڏنائين. مان هنجي پويان لـڳس. جيپ
۾ ويهندي هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو هٿ ۾ ڏنائين. ٽارچ
جي روشنيءَ ۾ پڙهڻ لڳس.

”ڪڏهن بہ، ڪٿي بہ، جي مان هن ڌرتيءَ مٿان
قربان ٿي وڃان تہ منهنجو لاش پدما ۽ مختيار کي ضرور
ڏيکارجو. زندگيءَ جي آخري گهڙيـن ۾ ڪين مان نہ
ڏسي سگهيس پر گهٽ ۾ گهٽ هو تہ مون کي ڏسن
هيءَ منهنجي نمائي وصيت آهي، جا، جي ممڪن هجي
تہ پوري ڪئي وڃي. مـون آخري ساهن تائين ڪـين
وساري. ڪونہ سگهي آهيان ـــ ديبا.

ديبا انهيءَ رات ميجر جو لاش ڪمري ۾ ڇڏي
ٻاهر نڪري رهي هئي تہ مڪتي باهنيءَ وارن منصوبي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ١٠ منٽ اڳ ۾ حملو ڪري ڏنو ۽ ديبا گولين جي سامهون اچي، دم ڏئي ڇڏيو.

مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. منهنجي سامهون ديبا جو لاش هو. ٽينا مري وئي. راجشاهيءَ جي ٽينا، لينن گراڊ جي ٽينا. پسڪاريبو قبرستان جي ٽينا جي ڊائري پوري ٿي وئي ۽ آخر ۾ هوءَ به مري وئي.

ديبا مري وئي. هوءَ مون ڪان پري هلي وئي. هاڻي امن جو جهنڊو ڪير مٿي ڪندو. ڳوڙها منهنجي اکين جون ڪنڌون جهلي بيهي رهيا.

رات جي اونداهي هلي وئي هئي. باک ڦٽي رهي هئي. هن جي جسم ۾ گولين جا نشان چٽا بيٺا هئا. چپن تي ساڳئي مرڪ نظر آيم. هنجي اها خاموش مرڪ، بريو اسپرٽ (Brave Spirit) جي، موت مٿان فتح هئي.

'مان ۾ مون هن جو ٿڌو هٿ پنهنجي هٿ ۾ کڻي چمي ورتو. تنهنجو موت، جنگ مٿان امن جي فتح آهي. تنهنجي امن خاطر اسان جنگ لاءِ هر وقت تيار رهنداسين'

پري، اڃان به گولين جي ٺڪ ٺڪ ۽ ٺنڪن جا ٺڪاءَ مسلسل ٿيندا پئي رهيا. اڃان به آزاديءَ لاءِ زندگي موت ڏي وڌي رهي هئي.

One lives until one dies. It is better perhaps to die for something than to live for nothing.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

[موت ڏانهن جيڏو رهڻو ٿو پوي- بنا مقصد جي
جيئڻ کان بهتر آهي ته مقصد خاطر مري وڃجي].

٥ جڏهن هن ترقيءَ مٿان سڙندڙ لاشن ۽ گهرن
کي ڏسين ته پنهنجو سر سانڍڻ لعنت ڀانئجانءِ" ديبا
چيو هو "ڏس بنگال جو سڀ ڪجهه سڙي رهيو آهي.
عزت، مال ۽ گهر. پر پوءِ به غيرت جيڏي آهي. ظلم کي
سڙڻ لاءِ."

ديبا ڪونه هئي، ڪملا ڪونه هئي، پدما جي آواز
جو پڙاڏو هو- بينڪيت لاش بڻجي چڪي آهي. اهو
لاش اسانکي ٿي پورڻو آهي. ڏٺم ڇهه ديبا، ڪملا ۽
پدما اڳتي وڌي آيون هيون. هنن لاش کنيو، بينڪيت
جو لاش. پنيان ماڻهن جو هجوم هو. هو روئڻ بجاءِ
ڳائي رهيا هئا. آزاديءَ جا گيت خوشيءَ جا گيت.
من مان ته هلي رهيو هوس. مان ته. پدما اشارو ڏنو
ڏيجهو ويومانس. چيائين. ڏس اسان پنهنجي ترقي جي
استحصالي لاش کي دفن ڪرڻ ٿا وڃون. تون به پنهن
جي استحصالي لاش کي وڃي پنهن جي ترقي تي دفن
ڪجانءِ. اهڙو لاش هر انهيءَ ترقي مٿان موجود آهي،
جتي حق غصب ٿين ٿا.
ڏس، سڀ رتوڇاڻ آهن. هوءَ چوندي رهي. سيني
جا چولا ۽ ساڙهيون قاتل آهن. سٿيون ادڙيل آهن.
سٿيون کاچل ۽ سينا وڍيل آهن. تڏهن ته هي لاش مليو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پنهنجي موٽي ويس. جيل جو ڪمرو. مزدور، هاري، شاگرد. حقن لاءِ وڙهيون ڪندڙ، ڏيهي جسم جا مالڪ، پوءِ بہ ڪر ڪنيو بيٺا هئا. منهنجيءَ نڙيءَ ۾ زهريلو ڳنڍو اٽڪي پيو.

ٻاهر آواز وڌي ويو. دل ڌڙڪڻ لڳي، ماڻهن جو ميڙ وڌندو ويو. آواز تيز ٿيندا ويا. مون پدما جي نوڪريائيءَ کي سڏ ڪيو. منهنجو آواز مون جيئان خشڪ هو. ڪا ورندي ڪونہ آئي. مون وري سڏ ڪيو. ڪو جواب ڪونہ آيو. سڀ خاموش هئا.

ڪمري جي ٻاهران کڙڪو ٿيو تہ ڪنڌ مٿي ڪئي ڏٺم. پدما بيٺي هئي. منهنجو ساهہ پنهنجيءَ جاءِ تي اچي ويو. هوءَ اندر آئي. مان اٿي بيٺس. منهنجي اکين ۾ آلاڻ پيدا ٿي ۽ نڙي کوري ٿي ويم. پدما جو چهرو زخمي لڳو. اٿين جڻ سندس چهري تي هزارين نهنبون آيون هجنس. ٽڪ ۽ نهنبڻ وارو چهرو ڏسي مون کان ڏيل سڏڪو نڪري ويو. هنجون اکيون ڀڻ ڀرجي آيون.

”تون ڏاڍي ٿڪل ٿي لڳين.“ ڳوري آواز سان چيم

”ڪجهہ ناهي.“ چيائين ”لٺ ويلن جي لنگهڻ کان پوءِ مانيءَ کيي جو لطف معلوم هيم، پر گولين جي بارش ۾ حقن وٺڻ جو لطف ڪنهن سان بہ ٿيڻي نٿو سگهجي.“

”اڄ، جنهن جي هٿ ۾ آزاديءَ جو جهنڊو هو،



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سا گولين ۾ پکڙڻ جيئان پڇي وئي. پر جهنڊو ڪرڻ نه ڏنائين. اسان گولين ڪان بي پرواه بڻجي جهنڊي کي هن جي هٿ مان جهلي ورتو. ان وقت ائين لڳم اهي گوليون اسان جي جسم کي ڇهي ڏري وينديون".
عن جو آواز ٻڌي ويو. گهِٽ ڏئي چيائين "هو اسان کي ماري ڪونه سگهندا. ڇو ته اسان جا جذبا سچا آهن. ڪوڙن ۽ ڪرائي وارن جذبن وارنِ کي موت ايندو آهي."
"مان اڄ ڪونه روئيندس." چوندي رهي" سچو رڻ رت ڦڙا آهي.هر جسم زخمي آهي. پوءِ به هوءِ آزاديءَ جو جهنڊو سنڀاليندي، مرڪندي مري وئي.
جنهن هن کان جهنڊو ورتو، سا به نـڙ گهٽ ۾ گولي کائي پوري تي وئي. رت جي ڀرين ڦوهاري سان رڙ ڪيائين "جئي بنگلا" ٻئي ڦوهاري سان وري رڙ ڪيائين جئي بنگلا ۽ جهنڊي کي چمي ڏئي آرام سان سڌي ليٽي پيئي." پدما جو چهرو شوخ تي ويو. "مان ڪين ڪونه سڃاڻان، پر هيون منهنجيءَ ڌرتيءَ ڄايون. ڪيتريون ميون، ڪيتريون ڦتيون، اڄ ان ڪي ڪو نٿو ڳڻي. پر ڪير اڳتي وڌي ٿو، سڀ ان جي ڳڻپ ۾ آهن."
"تون ٿڪل آهين. ڪجهه آرام ڪر" ڪيس چيم منهنجي ڳنٿي تي هٿ رکي چيائين. "ٿڪل ضرور آهيان، پر پنڌ اڃان اڳتي آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”پدما—“ چيم ۽ ماڪ تي وڃي ويس.

”چو، ماڪ تي وڃين؟“ پڇيائين.

”پدما، تون ٿڪل آهين.“ ڳالهه اندر ۾ ڪاٽي ويس.

هوءَ ٿڪل هئي. ايڏي ٿڪ جي باوجود به هنجو چهرو وسائيل نه هو. هن ڪنڌ ڪڍي مون ڏي نهاريو. مون ڪيس ٿڪڙ ۾ ڇڏي ورتو.

”پدما، مون سان شادي نه ڪندين نه.“

هن پهريون مون کي ڏٺو. پوءِ اکيون هيٺ جهڪائي ڇڏيائين. هوءَ ماڪ ۾ رهي. مون کي پنهنجي دل جي رفتار جهڪي ٿيندي محسوس ٿي. مون کي ڪجهه نه چوڻ گهربو هو. منهنجي اها عادت رهي آهي، غلط وقت تي صحيح ڳالهه ۽ صحيح وقت تي غلط ڳالهه ڪري ويهندو آهيان. مونکي پنهنجيءَ ٿڪڙ هميشه ڏاڍو پشيمان رکيو آهي.

اڳي ۾ چيوهيائين ”مختيار، دل تي ڇٽي مان توسان شادي ڪنديس. پر هڪ شرط هوندو. جڏهن به دل گهريو، مون کي بنگال وٺي ايندين.“

مان چپ هوس.

”پيو ته پهريون ٻار مان هتي پنهنجيءَ ترتيءَ تي ڇٽينديس.“ چيائين ”ٺيڪ آهي نه.“

مان ماڪ ۾ رهيس. رکو مرڪي ڏنومانس.

”چو مون سان نه ڪندين ڇا شادي؟“ اکين ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گھوڙي ڇيوھنڊئين. ساڻ رڳو مرڪي رھيو ھوس. ھُر
ڪنڌ منھنجي ڪلھي تي رکي، خوش ٿيندي چيو ھو.
”ٿڌسندس ڪيئن ٿِتو ڪريون مون ساڻ شادي“ ۽
پيار ساڻ پڇڪيو ھيائين ”پاڻ ڏاڏا خوش گذاريندا سين.“
اڄ ھن جو ڪنڌ ھيٺ ھو. سندس اکيون جھڪيل
ھيون. منھنجي دل ۾ خوف ۽ شڪ جا وسوسا وڌڻ
لڳا. رات جا پلچا وڌي رھيا ھئا. ھن اکيون مٿي ڪنيون
۽ مون ڪي ڏسڻ بنا چيائين
”چوويھن ڪلاڪن اندر، توکي ھي شھر ڇڏڻو
آھي.“ آھستي چيائين ”ھن ترتيءَ تي ڄـا باھـ ٻري
چڪي آھي، ان ۾ جلڻ جو حق رڳو مون کي آھي،
توکي نہ.“
منھنجي اکين شھر جون ڇڻ سڀ بتيون وسامي
ويون ۽ پنھنجو ميڄالو ڇمندي محسوس ڪيم.

—✱—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ١٣

صبح جو سوير جاڳ ٿي. يادگيرين جون تنتال ڪڙيون ذهن ۾ وڌ وجهي رهيون هيون. جڏهن ننڍي هوندو هوس ته چوڌاري مرڪندڙ چهرا هئا ۽ هاڻي جڏهن هتان وڃي رهيو هوس ته چوڌاري ڪومائيل صورتون هيون. سج مٿي چڙهي آيو. مون کي سج جي چوڌاري نوٽهين جا ڪڪر نظر آيا. ٻاهر نهاريم. مليٽريءَ جون ٽرڪون اڳتي وڌي ويون. منهنجي ذهن جا ڌاڳا ڇڄڻ لڳا.

مون کي هتان وڃڻو هو. هي شهر ڇڏڻو هو. منجهيل ذهن ۽ ڪومائيل چهري سان ٻاهر نڪري آيس. خبر نه هئي ته ڪاڏي وڃڻو اٿم. بس اڳتي وڌڻ شروع ڪيم. ڪيتريون ئي جيپون ۽ ٽرڪون ٽپنديون رهيون. مليٽريءَ وارن جون رائفلون ۽ اسٽين گنون اڀيون هيون. پرڀرا ماڻهن جا ننڍا ننڍا هجوم هئا. هٿن ۾ بينر ۽ جهولن ۾ پٿر. سامهون هڪ ميجر بيٺو هو. هن جي هڪ اک هيٺان ٽڪ جو نشان هو. شايد پٿر لڳو هوس. بيهي ڏسڻ لڳو ماڻس ته رڙ ڪيائين "سوئر جا پٽ، اڳتي وڌ. وڃ هتان". مان اڳتي وڌندو رهيس. چوڌاري فوج هئي، رائفليون هيون.

روڊ ٽپي، ٻئي پاسي کان بيهي رهيس. نڙيءَ ۾ سڪو اٽڪي پيو. پهريان مليٽريءَ جون ٽي ٽرڪون ٽپي آيون. مون روڊ ڪراس ڪرڻ چاهيو. چاهيم پئي ته ڪا گولي اچي ۽ مونکي ختم ڪري وجهي يا ڪا

ٽرڪ ڇپيائي وڃي. روڊ جي ٻئي پاسي ڳنڊ جو ڍير پيو هو ۽ انجي پرسان هڪ ڪار سڙي رهي هئي.

اڳتي وڌندو رهيس. ٻه ڇوڪرا ڊوڙندا آيا. ڇار آنا ڏيندين؟ بک لڳي آهي. پيءُ ڪونهي، ڪا ماءُ ڪونهي. سڀ مري ويا آهن، اڪيلا آهيون. چار آنا ڏي نه؟ هنن جون پاسريون نڪتل هيون. ڳٽڻ ۾ ڪا رڪاوٽ ڪو نه هئي. مون ٻنهي جي هٿن تي روپيو رکيو ۽ اڳتي وڌي ويس.

O "مختيار!" هن آهستي چيو "پوءِ به آواز ۾ سڏڪن جو احساس چٽو هو، "جڏهن ڌرتيءَ جي پيٽ جو لاوو ڀرندو آهي ته زلزلو پيدا ڪندو آهي. جبل لڏي ويندا آهن. سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ جوش پيدا ٿيڻ سان ساموندي طوفان اٿندا آهن. پر هڪ زلزلو، هڪ طوفان پيو به آهي، جيڪو ماڻهوءَ جي اندر، ظلم ۽ ناحق خلاف پيدا ٿيندو آهي. قومي غيرت جو زلزلو ۽ طوفان!"

"اڄ دلين جو اهو لاوو ڀري پيو آهي. اڄ انسانن اندر زلزلو آهي، طوفان آهي. هي زلزلو ٿڪندڙ رت جو زلزلو آهي." هوءَ ڪوڙها ٽماٽيندي چوندي رهي "هي زلزلو ۽ طوفان، قومي استحصال ۽ ظلم جي پٽين کي ڊاهي وجهندو."

هن جيپ روڪي. باک ڦٽڻ واري هئي. مونکي هٿ ڪان وٺي، اڳتي وڌي. ٻه ٽي قدم اڳتي هلي،



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺو رهيو.
"ڌرتيءَ لاءِ هميشه پنهنجي جان ڏيڻ جي ضرورت
رهندي آهي" چيائين "ڌرتيءَ مٿان سر ڏنل، ڌرتيءَ
جو فرض آهي. ڏس، بنگال سڙي رهيو آهي اڄ وقت
آهي جو ماڻهو پنهنجو ڌرتيءَ جو فرض چڪائيندا پنهنجي
بنگال لاءِ سڙي مرڻو آهي ۽ ان لاءِ وڌيڪ سڙڻ
کان بچائڻو آهي".
هن جا ڳوڙها هيٺ لهي آيا.
"اڄ رات، جنگ جو اعلان ٿي چڪو آهي.
بنگال کان ٻاهر وڃڻ جا رستا بند ٿي چڪا آهن."
چيائين "توکي برما رستي، تنهنجيءَ سنڌ پهچائڻ جو
بندوبست ڪيو ويو آهي. منهنجيءَ ڌرتيءَ کي منهنجي
ضرورت آهي. تنهنجيءَ ڌرتيءَ کي تنهنجي ضرورت پيش
ايندي. تون وڃ. ڏس نه، ڌارئيءَ ڌرتيءَ تي مرڻ ڪتي
جي موت کان به وڌيڪ بڇڙو تي مرڻ آهي. تون
پنهنجيءَ ڌرتيءَ جو حق، ائين ڪڏهن نه وڃائجانءِ".
باک ڦٽي چڪي هئي. چوڌاري سوجهرو ٿي رهيو
هو. پري ۽ ويجهو ڌماڪا هئا. جنگ جاري هئي.
"هو ڏس، پريان جيپ بيٺي آهي. ان ۾ تون
هتان هليو ويندين." چيائين " پر وڃڻ کان اڳ
۾ مونکي چمي ڏئي وڃ. پنهنجي ٻانهن ۾ قابو ڪري
چمي ڏي."
مان سڄو ڏڪي ويس.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ها، مونکي پنهنجي ٻانهن ۾ قابو ڪري، بهار
جان جهڙي ڏي." وري چوائين "تنهنجي بهار جي جهڙي
جهڙي مونکي مرڻ گهڙيءَ تائين ياد رهندي، تون مونکي
پنهنجي ساڻ گهريءَ جون خوبصورت گهڙيون ڪون
بخشيندين ڇا؟"

اُن جي للاٽ جهڪي ٿيندي وئي. سج ڪڪرن
تي، هلڪو ٿيندو ويو. هن پنهنجي اکين ۾ ڏٺو. مون
پنهنجيون اکيون هيٺ جهڪايون. پاڻ کي پنهنجيءَ
نزديڪيءَ جو ڏوهي ٿي محسوس ڪيم.

"اڄ، وڏي آهه، مونکي پنهنجي ٻانهن ۾ قابو ڪر.
پهريون ۽ آخري ڀيرو." چيائين "ڏس، مان مرڪي
رهي آهيان، پنهنجيءَ مرڪ کي دائمي بڻاءِ. آخرين
گهڙين ۾ مونکان پنهنجي مرڪ ته نه کسي وڃ."

هوءَ ڏڪڻ وڪون ڪٽيندي پوئتي موٽي. مان بيهو
رهيس. لڳم پئي مان اڃان به هن جي ٻانهن ۾ قابو هوس.
هن کي ويندو ڏسندو رهيس. هن جي پيرن جا نشان،
منهنجي دل تي نقشو ڇڏيندا ويا ۽ هوءَ ڪنڌ جهڪايون
وڃي رهي هئي. موت کي پنهنجي ڪلهن تي کڻيون،
آزاديءَ جي ڏيئي ٻارڻ لاءِ.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊنل اکين جا خواب

بينگالي ماڻهن جي جدوجهد جي پسمنظر ۾ لکيل ناول آهي. ناول جو اهم ڪردار پدما، هڪ مسلمان بينگالي ڇوڪري آهي، جيڪا پنهنجي مامي سان گڏ سنڌ ۾ رهي ٿي، سندس مامون جيل سپرنٽينڊينٽ آهي، پدما جي ملاقات مختيار سان جيل ۾ ٿئي ٿي. ملاقات ڊرامائي هئڻ جي باوجود ايڏو ڪشش ڪونه ٿي، پر جي قبول سندن ملاقات جو بندوبست ڪو ٻيو ڪري ها ته وڌيڪ بهتر ٿئي ها.

ناول ۾ حقيقي جان ان مهل پوي ٿي جڏهن مختيار پدما جي ترتيءَ ڏانهن وڃي ٿو، جت پهرين [illegible] ملاقاتون پيار ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون. ناول ۾ گهڻائي ڪردار آهن جن جي مختلف سوچ [illegible] جدوجهد طرف ردعمل سبب ناول ۾ تمام گهڻي [illegible] پيدا ٿئي ٿي. قبول ابڙي تمام گهڻي عرصي کانپوءِ [illegible] شروع ڪيو آهي سندس لکڻ اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مضبوط آهي. ڪوبه پڙهندڙ ناول پڙهڻ جي دوران بوريت جو شڪار ٿي ناول اڌ ۾ ڪو نه ڇڏيندو ۽ نه وري Skipping ڪندي ناول پورو ڪندو. جيڪا ناول جي ڪاميابي آهي.

سليم ڪوراڻي

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**books.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu